روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | سومر 31 جولاءِ 2023 ع بمطابق 12 محرم الحرام 1445هه | شمارو: 281 | قيمت10 رپيا

ڌاڙيلن کي ڪچي تائين محدود ڪري ڇڏيو، هن وقت تائين 70 ڌوهاري مارجي ويا آهن: سيد مراد علي شاهه

ڌاڙيل پوليس کي ڪمزور ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون ڪري رهيا آهن پر پوليس ثابت قدم رهي آهي انڪري هاڻ اغوا وارين وارداتن ۾ گهڻتائي اچي رهي آهي : مراد شاهه

ڪچي جي هڪ سئو 77 ڪلوميٽر واري علائقي ۾ 140 پوليس پڪٽ تيار ڪيا آهن پوليس کي ڪچا الائونس به ڏنو ويندو، ڪشمور ۾ به چوڪيون ٺاهي رهيا آهيون

ڌاڙيل غريب ماڻهن کي اغوا ڪن ٿا جن وٽ ڪين ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه ناهي هوندو، پوليس جي ڪوشش سان انهن مان گهڻا واپس ڪرايا ويا آهن

مقامي ماڻهن کي پوليس سانڀرپور سهڪار ڪرڻ گهرجي ته جيئن امن امان کي برقرار رکي سگهجي

ڪشمور مان 2 هندو اغوا ٿيل آهن جن کي جلد واپس ڪيو ويندو: رائونتي واري ڪچي جي بند تي ميڊيا سان ڳالهيون

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا پوليس اهلڪار ۽ عملدار پڻ گڏ هئا

رائونتي (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته امن امان جي صورتحال بهتر ٿي رهي آهي ڌاڙيلن کي ڪچي تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، 70 ڌاڙيل مارجي ويا آهن 40 کان وڌيڪ ماڻهن کي عورتائي آواز تي رڪجي اغوا ٿيڻ کان بچايو ويو آهي جنهن بعد هاڻ هر ڪجهه اغوا ٿيڻ وارين وارداتن زيرو ٿي وڃن آهن رائونتي واري ڪچي جي بند تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته ڌاڙيل پوليس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪنڌڪوٽ: سنڌ جو وڏو وزير اغوا ٿيل ٻارڙي فرحان جي وارثن سان ڳالهائي رهيو آهي

جي يو آءِ (ف) جو مذهبي اسڪالر عبدالشڪور جيئن ئي تقرير ڪرڻ آيو ته زوردار ڌماڪو ٿيو، هر طرف لاش پکڙجي ويا

باجوڙ جي يو آءِ ورڪر ڪنوينشن ۾ ڌماڪو، 40 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

خار ۾ ورڪرز ڪنوينشن اندر ڌماڪو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا ، مارجي ويلن ۾ جي يو آءِ جي ڊسٽرڪٽ خار جو امير مولانا ضياءالله جان ۽ ڊسٽرڪٽ ناواگئي جو جنرل سيڪريٽري حميدالله حقاني به شامل

40 کان وڌيڪ ماڻهن جا لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پهچايا ويا آهن، ڌماڪي ۾ 150 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا ، سخت زخمين کي پاڪ فوج جي هيلي ڪاپٽر ذريعي پشاور منتقل ڪيو

زخمين کي تيمرگرهه ۽ پشاور منتقل ڪيو پيو وڃي ۽ ڪيترن ئي جي حالت نازڪ آهي : ضلعي ايمرجنسي آفيسر باجوڙ

پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن علائقي کي ڪڙو چاڙهي ڇڏيو ، ڌماڪي جي نوعيت جو اڃا تائين پتو ناهي پئجي سگهيو

ڌماڪي وقت جميعت علماءِ اسلام (ف) جا ڪارڪن وڏي انگ ۾ ڪنوينشن ۾ موجود هئا، جنهن سبب وڏي انگ ۾ مارجي وڃڻ جو خدشو

باجوڙ (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي مقامي اهلڪارن سميت 39 ڄڻا مارجي ويا ۽ 120 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. نيوز ايجنسي اي ايف پي موجب خيبرپختونخواهه جي صحت واري وزير رياض انور چيو آهي ته هن ڌماڪي ۾ وڌيڪ... وقت تائين 39 لاش اسپتال پهچايا ويا آهن جڏهن ته 123 ڄڻا زخمي آهن. جن مان 17 جي حالت نازڪ آهي خيبرپختونخواهه جي گورنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

باجوڙ: جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي بعد ماڻهو زخمين کي اسپتال ۾ ڀرتي ڪري رهيا آهن

سينيٽ چيئرمين انتهاپسندي جي روڪٿام وارو بل ڊراپ ڪري ڇڏيو

جي يو آءِ، جماعت اسلامي، نيشنل پارٽي پاران مخالفت، پي ٽي آءِ طرفان احتجاج ڪيو ويو

سينيٽ جي اجلاس ۾ بل مملڪتي وزير شهادت اعوان پيش ڪيو

هن بل ذريعي اوهان پنهنجا هٿ وڍي رهيا آهيو، هي بل اسان سڀني لاءِ مصيبت بڻجندو

اسلام آباد (م ڊ) پرتشدد انتهاپسندي جي روڪٿام جو بل سينيٽ ۾ پيش ڪيو ويو، جي يو آءِ، جماعت اسلامي، نيشنل پارٽي پاران مخالفت، پي ٽي آءِ طرفان احتجاج ڪيو ويو. سينيٽ چيئرمين بل ڊراپ ڪري ڇڏيو. جنهن کانپوءِ پرتشدد انتهاپسندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آرمي چيف جيو اي
اي صدر سان ملاقات،
ياءِ جي وفات تي تعزيت

اسلام آباد (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير صدر عارف علوي سان ملاقات ڪئي، صدر محمد بن زايد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وفاقي وزير خورشيد شاهه 9 آگسٽ تي اسيمبليون ٽوڙڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

وارنٽي ۾ پارٽس متاثر ٿي ٽيڪس لاڳو ناهي: لاهور هاءِ ڪورٽ

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته وارنٽي ۾ پارٽس متاثر ٿيڻ تي ٽيڪس لاڳو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ خورشيد شاهه دعويٰ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڊيامر: لينڊ سلائيڊنگ سبب قراقرم هاءِ وي بند

قراقرم هاءِ وي بند ٿيڻ سبب سياح ۽ مسافر ڦاٿل

سلائيڊنگ سبب امدادي ڪارروائين ۾ ڏکيائين پيش اچي رهيون آهن: پوليس

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گلگت بلتستان ضلعي ڊيامر ۾ لينڊ سلائيڊنگ سبب قراقرم هاءِ وي بند ٿيڻ سبب سياح ۽ مسافر ڦاٿل آهن. آهي ان حوالي سان مقامي پوليس جو چوڻ آهي ته قراقرم هاءِ وي لينڊ سلائيڊنگ سبب بند ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪچي ۾ آپريشن جو حتمي پلان تيار ڪرڻ جو فيصلو

آءِ جي سنڌ جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي وئي

ڪشمور، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ سکر ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پوليس ڪچي ۾ آپريشن جو حتمي پلان تيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ملڪ جي صدر وٽ چانهه جا پئسا به ناهن: سيف الله ابڙو

ڪڏهن اسان سوچيو آهي ته اُن صدر جي پنهنجي اهميت ڪيتري آهي؟

صدر جي اليڪشن جو ڪيڏو طريقيڪار آهي اُن ۾ ترميم ڪئي وڃي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) ملڪ جي صدر وٽ چانهه جا پئسا به ناهن، ان ڪري ترميم ڪئي وڃي. مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

9 مئي تي فوج جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: وزيراعظم

9 مئي جي سازش جو ماسٽر مائينڊ به پي ٽي آءِ چيئرمين هو، جنهن ۾ عورتون، مرد، سياسي پارٽيون، ڪجهه سپاهي ۽ خاندان شامل هئا

ان کان اڳ اسيمبليون ٽوڙڻ جو مشورو صدر ڏانهن موڪليو ويندو

9 مئي جي سازش ڪندڙ پاڪستان ۾ انتشار ۽ گهرو ويڙهه چاهين ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته 12 آگسٽ جي رات 12 وڳي تائين اسيمبليون ٽوڙڻ جو مشورو صدر ڏانهن موڪليو ويندو، هن چيو ته 9 مئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

بهاولپور يونيورسٽي اسڪينڊل: اڳوڻي وي سي اطهر محبوب خلاف جاچ جو حڪم

هائر ايجوڪيشن ڪائي ڪي ڪرڻ پنجاب طرفان ڊاڪٽر اطهر محبوب خلاف جاچ جو نوٽيفڪيشن جاري

ڪميٽي اڳوڻي وائيس چانسلر جي خلاف لڳايل الزامن جي جاچ ڪندي: نوٽيفڪيشن موجب

لاهور (م ڊ) اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور جي اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اطهر محبوب جي خلاف جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

رسالدار مان اغوا ٿيل ٻارڙو عظيم ميٽڪ بازياب، مغوي فرحان جي وارثن پاران وڏي وزير جي رستا روڪ

مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن وزيراعليٰ سنڌ جي رستا روڪ ڪري ورتي، مراد شاهه پاران بازيابي جي خاطري

سنڌ جي وڏي وزير مراد شاهه جي ڪنڌڪوٽ آمد وقت ڪنڌڪوٽ جي گولا موڙ وٽ مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن روڊ بلاڪ ڪيو

مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن سان سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گاڏي مان لهي ملاقات ڪئي ۽ معلومات ورتي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) رسالدار مان 2 مهينا اڳ اغوا ٿيل ٻارڙو عظيم ميٽڪ بازياب ڪرايو ويو آهي. پوليس موجب... مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

خيبرپختونخواهه ۾ برسات ۽ مختلف حادثن دوران 19 ڄڻا فوت

ڪي پي ڪي ۾ 2 ڏينهن دوران تيز طوفاني برسات سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 19 ڄڻا فوت ٿي ويا

صوبي ۾ برسات دوران ٻوڏ وهڪرن سبب 53 جانور ۽ مري ويا، 14 گهر مڪمل طور تي تباهه

بلوچستان ۾ چوماسي جي برسات سبب ٿيندڙ نقصان جي رپورٽ جاري ڪئي وئي

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ ٻن ڏينهن دوران چوماسي جي برسات ۽ مختلف حادثن دوران فوت ٿي ويلن جو انگ 19 ٿي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پشاور: تيز برسات ڪانپوءِ گهرن ۾ بيٺل پاڻي مان گهروارا سامان ڪڍي رهيا آهن

مادام تسائو ميوزيم ۾ بينظير ڀٽو جي مجسمي جي نقاب ڪشائي

دبئي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلامي دنيا جي پهرين خاتون وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو سرڪاري دوري تي متحده عرب امارات پهچي ويو

متحده عرب امارات جي اعليٰ اختيارين ۽ پاڪستان جي سفير فيصل نياز ترمذي هوائي اڏي تي پرڏيهي وزير جو استقبال ڪيو

دوري دوران پرڏيهي وزير بلال پرڏيهي عرب امارات جي پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زيد النهيان سان ملاقات ڪندو

دبئي ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو مادام تسائو ميوزيم ۾ پاڪستاني شخصيت بينظير ڀٽو جي مجسمي جي نقاب ڪشائي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سرڪاري دوري تي متحده عرب امارات پهچي ويو... اعليٰ اختيارين ۽ پاڪستان جي سفير فيصل نياز ترمذي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪاهي ويجهو 3 معصوم ٻارڙا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ نينگري فوت

16 ورهين جي شازيه پنهور برساتي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي، لاش گهر پهچڻ تي سنڌس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

گوٺ 7 ورهين جي مير محمد پنهور ۽ 12 ورهين جي خطيجه کي پاڻي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو

گوٺ فقير صادق پنهور ۾ نينگرين سميت 3 ڄڻا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ نينگري فوت ٿي وئي

ڪهڙو (رپورٽر) ڪاهي ويجهو گوٺ فقير صادق پنهور ۾ ٽي ٻارڙا برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، هڪ نينگري فوت ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

يارت، آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ والدين 8 مهينن جي ٻار کي وڪرو ڪري ڇڏيو

زال مڙس گرفتار، آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجو 8 مهينن جو ٻار وڪڻي ڇڏيو

ٻار هڪ مائٽ وٽ آهي، پوليس زال مڙس کي گرفتار ڪري ورتو آهي

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ زال مڙس آئي فون خريد ڪرڻ لاءِ والدين پنهنجو 8 مهينن جي ٻار کي وڪرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ طرفان گلشن اقبال ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

آءِ ايم ايف پروگرام نه هجي ها ته اڳتي وڌڻ جو پلان موجود هو: اسحاق ڊار

آءِ ايم ايف سان معاهدو وقت تي مڪمل ڪيو ويندو، ايندڙ 2 کان 3 مهينن تائين ادائيگين جا بندوبست ڪري رهيا آهيون

سعودي عرب، يو اي اي ۽ چين مڪمل مالي مدد ڪئي، پاڪستان سمورين پرڏيهي ادائيگين وقت تي ڪيون آهن

افسوس جي ڳالهه آهي ته اڳوڻي وزير جي بيان سبب پي آءِ اي کي گرائونڊ ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته جيڪڏهن آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ٿئي ها ته... اسحاق ڊار مستقبل جي اڳوڻي وزير اجلاس ۾ ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سينيٽ اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڪورنگي ۾ فيڪٽري جي ڇت ڪري پئي، ڪيترائي ڄڻا زخمي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ ٻي اين ٽي سوسائٽي ۾ فيڪٽري جي ڇت ڪري پئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چين جو نائب وزيراعظم پاڪستان پهچي ويو، اهم ملاقاتون رٿيل

وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءالله چيني نائب وزيراعظم جو استقبال ڪيو

چيني وفد ۾ نائب وزيراعظم سان گڏ 4 وزير به شامل

اسلام آباد (م ڊ) چيني نائب وزيراعظم هي ليفنگ پاڪستان جي ٽن ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد پهچي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال، راڻا ثناءالله چيني نائب وزيراعظم جو استقبال ڪري رهيا آهن

سنڌ اندر 21 لک گهرن جي سروي ڪئي وئي: امتياز شيخ

گذريل سال برسات دوران سنڌ اندر ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا تنهن باوجود سنڌ سرڪار هر ماڻهو وٽ پهتي

ماڻهن جي هن مصيبت جي حل لاءِ چيئرمين ڪراچي کان جنيوا تائين ڪانفرنسون ڪرايون

هڪ سئو ايڪاڻيه ريليف ڪيمپون قائم ڪيون جنهن ۾ انيهه هزار ماڻهو رهيا: ڊپٽي ڪمشنر ابرار جعفر

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ سنڌ حڪومت طرفان ٺهرايل ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڏاڪا ۾ پوليس ۽ اپوزيشن ۾ ڇڪرين، ڪيترائي گرفتار

ڍاڪا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بنگلاديش جي گاديءَ واري هنڌ ڍاڪا ۾ پوليس ۽ مخالف ڌر جي ڪارڪنن وچ ۾ ٽڪراءُ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شڪارپور: صوبائي وزير امتياز شيخ... تقريب کي خطاب ڪندي

حق باهو درگاهه ڪان ايندي نل واسين سان حادثو، عورت سميت 4 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

راڄڻ پور ويجهو روڊ حادثي ۾ ياسر سومرو، شفيق عرف شفن سومرو، نينگر شجر سومرو ۽ عورت صغير سومرو فوت ٿي ويا

فوتين جا لاش کي ۽ زخمي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيا ويا ، طبي امداد فراهم ڪئي وئي

ٺل (رپورٽر) حق باهو درگاهه ڪان ايندي نل واسين سان حادثو پيش آيو... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

وقت اچي ويو آهي ته اسان آزمايل ماڻهن جو ماضي نه وساريون: فيصل واوڊا

عمران خان پنهنجي حڪومت هلائڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ ذريعي ووٽ ڪيا هئا، ان حڪومت جو بيانيو ٺاهيو

آصف زرداري سنڌ کي هلائڻ لاءِ ووٽ ڏنو ۽ عوام ۾ اينٽي اسٽيبلشمينٽ جو بيانيو بڻايو

مولانا به وهندڙ گنگا ۾ اسٽيبلشمينٽ کي اڪيون ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير فيصل واوڊا چيو آهي ته وقت اچي ويو آهي ته اسان آزمايل ماڻهن جو ماضي نه وساريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اڳوڻو وفاقي وزير فيصل واوڊا

ڪينيڊا: البرٽا ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه، 6 ڄڻا اجل جو شڪار

جهاز جمعي جي رات جبل واري علائقي ۾ ڪري تباهه ٿيو

حادثي جو شڪار جهاز جا مسافر چرچ جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيا هئا

البرٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪينيڊا جي صوبي البرٽا ۾ ننڍو جهاز ڪري تباهه ٿي پيو، نتيجي ۾ 6 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌڙي: ٺلهيرمهر ٿاڻي جي حد ۾ ڪارڪنن الزام هيٺ هٿ ڪيو ويو

جوابدار پاڻ مرادو ٿاڻي تي پهچي گرفتاري ڏني، جوابدار ڏوهه جو پڻ اعتراف ڪيو

ٺلهيرمهر پوليس واقعي جي 5 ڪلاڪن بعد پهچي مقتولن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيا

سنڌڙي (رپورٽر) سنڌڙي جي ٺلهيرمهر ٿاڻي جي حد ۾... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سعودي عرب: پارڪ ۾ عورت تي تشدد ڪندڙ شخص گرفتار

پارڪ ۾ عورت کي تشدد جو نشانو بڻائڻ جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي

وڊيو سامهون اچڻ ڪانپوءِ سعودي جي شهرين ۽ سخت ڪارروائي پکڙجي وئي

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي هڪ شخص کي گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن پارڪ ۾ عورت تي تشدد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنگهڙ ۾ ڇاڙهه بعد ڪچي ۾ ننڍي ٻوڏ، پاڻي بچاءُ بندن سان ٽڪرائجي ويو، ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ

موهل برادري، جتوئي، گل حسن منگهيجو سميت مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي داخل، قاضي احمد جو ڪچو ٻڏي ويو

انب جتوئي، ڪشور پور، عبدالڪريم پور، رينواز ڪلوئي، راضي جتوئي ۽ ٻيا ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا

جوهي سان چني، ٽنڊو رحيم خان، شاهه حسن يوسيز جو زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو

جوهي (رپورٽر) سنڌو درياهه ۾ ڇاڙهه بعد ڪچي ۾ ننڍي ٻوڏ ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جن پاڻ ۾ پائيتي کي قتل ڪرايو، انهن کي سامهون آندو وڃي: اسلم ابڙو

شاهوائي ڏرڪيتيا ڪڙا آهي، اها ڪيئن ڪراچي اچي پاءِ پائيتي کي قتل ڪيو؟ جن ريڪي ڪئي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد جي اڳوڻي ايم اين اي محمد اسلم ابڙو پاءِ پائيتي جي قتل... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي واسين جا ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، ٽينڪر مافيا کي پاڻي ڏنو پيو: حافظ نعيم الرحمان

وڏي علائقي جا ڪنيڪشن غير قانوني طور ڪٽيا ويا، جڏهن ته حڪومت غير قانوني طور تي ٽينڪر مافيا کي پاڻي ڏني رهي آهي

سياڻي شهر ۾ 10 هنڌن تي پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو ويندو ۽ 4 آگسٽ تي واٽر بورڊ آفيس آڏو ڌرڻو هڻبو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي واسين جا ڪنيڪشن ڪٽيا ويا... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪرناٽي هائوس ٺٽو تي جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اجلاس، ڪارونجهر معاملي تي غور ويچار

رهبر ڪميٽي جو اهم اجلاس رهبر ڪميٽي جي سربراهه رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

نياز ڪالاڻي، اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور، راول ڪرناٽي ۽ ٻيا شريڪ

ڪارونجهر جبل سڄي سنڌ جو تاريخي ثقافتي، مذهبي جاگرافيائي ڏند ڪٿائي ۽ فطري ورثو آهي: رياض علي چانڊيو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڪرناٽي هائوس ٺٽو تي جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اهم اجلاس رهبر ڪميٽي جي سربراهه رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. جنهن ۾ جسقم جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جسقم آريسر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جهنڊومري پوليس تي چاپو
هٿي ڌوهاري ۽ روپوش جوابدار
کي گرفتار ڪري ورتو

جهنڊومري (رپورٽر) جهنڊومري پوليس ڳجهي اطلاع تي چاپو هڻي ڌوهاري ۽ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي تفصيل موجب جهنڊومري جي ڊاسوڙي پوليس جهنڊومري جي علائقي الله ورهايو ميرجت ۾ ڳجهي اطلاع تي چاپو هڻي جهنڊومري جي ڳوٺ اسماعيل لنڊ جي رهواسي مهتاب لنڊ کي گرفتار ڪري ورتو ٻٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: قومپرست اڳواڻ نياز ڪالاڻي، رياض چانڊيو ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

محرابپور ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو، 8 سالن جو نينگر گولين لڳڻ سبب مارجي ويو

وارڊ نمبر 16 بلاول ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙي دوران ڌرين پاران فائرنگ ڪئي وئي

نينگر سجاد علي سهتو پٽ اعجاز علي سهتو گولين لڳڻ سبب مارجي ويو ۽ محمد علي سهتو سخت زخمي ٿيو

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور جي وارڊ نمبر 16 بلاول ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو سهتا برادري جو 8 سالن جو نينگر سجاد علي سهتو پٽ اعجاز علي سهتو گولين لڳڻ سبب فوت جڏهن ته 10 سالن جو محمد علي سهتو سخت زخمي واقعي خلاف سهتا برادري جي سوين ماڻهن جو محرابپور ٿاڻي آڏو سخت احتجاجي مظاهرو جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، انتظام سخت

مرڪزي جلوس امامبارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو

مومنين پاران نوحه خواني ڪري چاڪن، گرزن ۽ زنجيرن سان ضرب جو ماتم ڪيو ويو، سوين عزادار زخمي ٿي پيا

اعجاز ممنائي عبدالوحيد ميمڻ، حنيف جلباڻي، غلام مرتضيٰ ٻوهيو، شفاقت وسطڙو، غلام مرتضيٰ پنهور ۽ ٻيا شامل هئا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پوري ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، ان سلسلي ۾ مرڪزي جلوس امامبارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو مرڪزي امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو جتي مومنين پاران نوحه خواني ڪري چاڪن، گرزن ۽ زنجيرن سان ضرب جو ماتم ڪيو جنهن ۾ سوين عزادار زخمي ٿي پيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

پاڻي جي واري تان اغوا ٿيل
سرحد واسي 2 هاري بازياب،
پوليس پاران مقابلي جي دعويٰ

سرحد (رپورٽر) پاڻي جي واري تان اغوا ٿيل سرحد واسي 2 هاري بازياب، پوليس پاران مقابلي ۾ بازيابي جي دعويٰ، علائقي ۾ راڄوٽي زريعي بازيابي جا چٽڀول، خبرموجب 20 ڏينهن اڳ سرحد ٿاڻي جي حد ڳوٺ جان محمد پارو مان پاڻي جي واري تان اغوا ٿي ويل هاري محمد عمر ۽ مشتاق پارو بازياب ٿي گهر پهچي ويا آهن ان سلسلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: سول سرجن ڊاڪٽر خادم مگريو ميڊيڪل ڪئمپ جو جائزو وٺي رهيو آهي

ايل بي او ڊي سم نالي کي گهارو، ڳوٺ پاڻي هيٺ، ٻيرو پراڻ وچم تاهيل دروازو لٽهي ويو

اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيل منصوبي بابت رهواسين جو گهاري هنڌ احتجاج ڪيو ويو

سماجي اڳواڻ علي نواز دلواڻي سوين ڳوٺاڻن سان گڏجي گهاري واري هنڌ پهچي ويو، احتجاج ۾ شرڪت

پڙهيل لکيل انجنيئرن منصوبي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪري تباهي ڪئي آهي: علي نواز دلواڻي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلع ۾ تباهي آڻيندڙ سم نالن ۾ زبردست ڇاڙهه ڪاٽي نه ٿيڻ جي ڪري گزريل سال جيان هن سال به وڏي تباهي ٿيڻ جو خدشو ظاهر آبادگارن جو احتجاج تفصيل موجب بدين ضلع ۾ برساتن کان پوءِ ايل بي او ڊي سميت علائقي جي سمورن سم نالن ۾ برساتي پاڻي جو زبردست ڇاڙهه اچي ويو آهي جنهن جي شروعات براڻ جي گيٽ لوڙهڻ سان ٿي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

يوم عاشور تي سول ڊفينس سکر پاران عزادارن لاءِ فرسٽ ايڊ ڪيمپ لڳائي وئي

ڪنٽرولر اميرالدين عباسي ۽ ڊپٽي چيف وارڊن جي نگراني ۾ ڪيمپ منعقد ڪيو ويو

بهترين پليٽ فارم سول ڊفينس آهي، سول ڊيفينس خود انحصاري جي اصول تي ٻڌل آهي: اڳواڻ

ڊاڪٽر ڪيلاش سميت 15 پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت 30 کان وڌيڪ رضاڪارن خدمتون سرانجام ڏنيون

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سول ڊفينس سکر پاران هر سال وانگر هن سال به محرم الحرام جي سلسلي ۾ 10 محرم الحرام تي گورنمينٽ ميڻ پرائمري اسڪول مينار روڊ سکر ۾ عزادارن حضرت امام حسين عليه السلام کي ابتدائي طبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

درگاهه تي پهچي موتمار ڌمڪيون
ڏيڻ جي خلاف ڪيس
وڃي: غلام قادر جوکيو

ٺٽو (رپورٽر) 10 محرم الحرام يوم عاشور جي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر: سماجي تنظيم جا رضاڪار عزادارن کي طبي امداد ڏئي رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ۾ ٻاءِ پاس تي ڪلنڊر امڪاني شراب جي گٽي ۽ منشيات خلاف احتجاج

ٻاءِ پاس روڊ تي آبادين ويجهو ڪلنڊر امڪاني شراب جي گٽي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مذهبي جماعتن، هندو برادري جي اڳواڻن ۽ شهرين جي سڏ تي شٽرڊائون هڙتال ڪئي وئي، نعريبازي

شهر کي مڪمل طور تي منشيات جو اڏو بڻائڻ لاءِ شراب جو گٽو کولڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: الزام

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ ٻاءِ پاس روڊ تي آبادين ويجهو ڪلنڊر امڪاني شراب جي گٽي خلاف ... شٽرڊائون هڙتال ڪئي وئي ... مذهبي جماعتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

روٽري ڪلب ڪراچي ضامن بلدرس سگا شاخ عرس سومرو جي تعاون سان ٻوٽا پوکيا ويا

ترجي ڳوٺ اناڊهو سومرا ۾ 12 ايڪڙ زرعي ايراضي تي مختلف قسمن جا ٻوٽا پوکيا ويا

ٿرپارڪر پوڻائي پيل ريگستاني علائقو آهي هتان جا ماڻهو تمام غريب آهن: ڪاشف شاهه

وسائل جي شديد کوٽ آهي جنهن جي ڪري اسان ماحول جي تبديلي لاءِ هڪ ٻوٽو پلانٽ شروع ڪيو

ٺٽو (رپورٽر) روٽري ڪلب ڪراچي ضامن بلدرس سگا شاخ عرس سومرو جي تعاون سان ... 12 ايڪڙ زرعي ايراضي تي مختلف قسمن جا ٻوٽا پوکيا ويا ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پراڻي سکر ۾ ڊرينج نظام
ناڪارا هجڻ برسات جو پاڻي
نيڪال نه ٿيڻ خلاف احتجاج

سکر (رپورٽر) پراڻي سکر ۾ ڊرينج نظام ناڪارا هجڻ ... برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو ڪوٽ: سماجي تنظيم پاران سرٽيفڪيٽ ورهايا پيا وڃن

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر پاران سول سرجن سان گڏ سول اسپتال جو دورو

ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر نذير احمد رند جو موڪل واري ڏينهن اسپتال جو دورو ڪيو

حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي سٿرائي ۽ مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو

سول اسپتال جا بهتر انتظامات ڏسي خوشي ٿي آهي، سهولتون ملي رهيون آهن: ڊاڪٽر نذير احمد

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر نذير احمد رند جو موڪل واري ڏينهن اسپتال جو دورو ... سول اسپتال جا بهتر انتظامات ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

روهڙي ويجهو ڳوٺ رجب علي دايو ۾ ٻارڙو درياءَ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت

10 سالن جو معصوم ٻارڙو نبيل پٽ محمد علي عرف دلشاد دايو فوت ٿي ويو

ٻارڙي جو لاش هٿ ڪري ورتو، ٻارڙي جو لاش پاڻي کڍي تعلقه اسپتال روهڙي آندو ويو

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي ويجهو ڳوٺ رجب علي دايو ۾ 10 سالن جو ٻارڙو درياءَ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو تفصيل موجب روهڙي ويجهو ڳوٺ رجب علي دايو جو رهواسي 10 سالن جو معصوم ٻارڙو نبيل پٽ محمد علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽي پرسان تيز طوفاني برساتن ۾ زبون حال ٻٽيل گهر ڌماڪي سان ڍهي پٽ پئجي ويو

وارڊ نمبر 2 امري اسٽاپ پرسان ميربحر محلي جي رهواسي علي محمد ڪرناٽي جو گهر ڪري پيو

گهر ڀاتي معجزاڻي طور بچي ويا آهن، متاثر گهر ڀاتي هن وقت کليل آسمان هيٺ ٻي يارو ٻٽيل آهن

ٺٽو (رپورٽر) تازو پيل تيز طوفاني برساتن ۾ زبون حال ٻٽيل گهر ڌماڪي سان ڍهي پٽ پئجي ويو، گهر ڀاتي کليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گار ٻٽيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: برسات سبب ڍهي پٽ پيل گهر جو ڏيک ٻئي طرف پورهيت مدد جي اپيل ڪري رهيو آهي

باجوڙ ۾ قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي ڏک آهي: سيد زين شاهه

ملڪ ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن تي گهڻتي جو اظهار ڪيان ٿو: ايس يو پي اڳواڻ

دهشتگردي ملڪ لاءِ خطرو بڻجي وئي آهي زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪيون ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه باجوڙ ۾ جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پنگريو کان بدين ايندڙ واپاري کان هٿيار بند روڪ رقم موٽر سائيڪل ڦري

پنگريو جو واپاري پرڪاش عرف پريو پنگريو شهر کان بدين اچي رهيو هو ته ڦرلٽي

۾ موبائل فون ۽ سنڌس سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري ڪري ڪيس روڊ تي ڇڏي فرار ٿي ويا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پنگريو کان بدين ايندڙ واپاري کان هٿيار بند روڪ رقم موٽر سائيڪل ۽ 2 موبائل فون ڦري ڪري فرار ٿي ويا تفصيل موجب پنگريو جو واپاري پرڪاش عرف پريو پنگريو شهر کان بدين اچي رهيو هو ته خليفي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو ۾ ايريگيشن ايس ڊي او آفيس پويان کليل آسمان هيٺ رهواسي بي يارو مددگار ويٺل

گذريل 12 سالن کان منهنجي مڙس کي نه ڪوارٽر نه وري پلاٽ ڏنو پيو وڃي هو دارغو آهي: عورت

بيلدار محمد خان پتافي، ديدار چانڊيو، ڪلارڪ نصرالله مون عورت جي پٺيان پئجي ويا آهن: ڳالهيون

دادو (رپورٽر) ايريگيشن ايس ڊي او آفيس پويان کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل مسمات سبحان خاتون مڙس سميت دادو پريس ڪلب پهچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: ايريگيشن آفيس جي پويان کليل آسمان هيٺ رهندڙ پيرسن جوڙو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

خيرپور اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پنج هٽي چوڪي پرسان نامعلوم چور گهر ڀاري ويا

رٽائر فوجي سخا حسين موريجو جو گهر ڀاري ويا، متاثرن پاران صحافين آڏو احتجاج رڪارڊ

چور روڪ رقم ,ايل سي ڊي ,بيٽري ۽ سولر سميت گهر جو قيمتي سامان چوري ڪري ويا آهن: مالڪ

خيرپور (رپورٽر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پنج هٽي چوڪي پرسان نامعلوم چور رٽائر فوجي سخا حسين موريجو جو گهر ڀاري ويا .سخا موريجو موجب اسان گهر ڀاتين سميت پنهنجي ڳوٺ ويل هئاسين ته نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ثقافتي ۽ تهذيبي ماڳ موهن جو دڙو جي آثارن کي تيز طوفاني برسات بعد شديد نقصان

قديم ڪمرن جي فرشبندي لاءِ تيار ڪرايل ڪچيون سرون به مٽيءَ جا ڍير بڻجي ويون آهن

گريٽ باٿ پرسان قديم ڪمرن ۾ برساتي پاڻي جمع ٿيڻ سبب ڪمرا تلائن جو ڏيک ڏيڻ لڳا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري سنڌ جي قديم ثقافتي ۽ تهذيبي ماڳ موهن جو دڙو جي آثارن کي تيز طوفاني برسات سبب شديد نقصان.. قديم ڪمرن ۾ پاڻي جا تلاءُ جمع ٿي ويا. ڪيترن هنڌن تي گهارا پئجي ويا. برسات جي تيز وهڪرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڏوڪري: تاريخي ماڳ موهن جو دڙو ۾ برساتي پاڻي بيٺل آهي

پ پ هميشه عوامي مفادن واري سياست ڪئي آهي: شير خان جمالي

تبديلي جي نالي تي ملڪ کي ڪرڪلو بڻائي عوام کي مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪيو ويو

عوام کي اهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ پ پ مفاهمتي پاليسي اختيار ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلزپارٽي هميشه عوامي مفادن واري سياست ڪئي آهي اسين اظهار جي آزادي تي يقين رکون ٿا ميڊيا ادارن کي ڪنهن جي ماتحت نه پر آزاديءَ ۽ ديانتداري سان پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار جيڪب آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهارو شهر ۾ گهر ۾ سستل نوجوان پراسرار نموني گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

15 سالہ نوجوان باسط ولد واصف شيخ پراسرار نموني گولي لڳڻ ڪري فوت ٿي ويو

پوليس شڪ جي بنياد تي فوتي نوجوان جي ماسات سراج شيخ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽر) گهارو شهر ۾ پنهنجي ئي گهر ۾ 15 سالہ نوجوان باسط ولد واصف شيخ پراسرار نموني گولي لڳڻ ڪري فوت ٿي ويو. جنهن جو لاش گهارو اسپتال پهچائي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽري ميرواهه جي پ پ اڳواڻ ثمرين عباس دستي پاران مخصوص سيٽ تي ٽڪيٽ جي گهر

مخصوص سيٽ تي ٽري ميرواهه جي عوام کي مقامي عورت اڳواڻ کي موقعو ڏيڻ گهرجي: ثمرين عباس

قربانين کي مد نظر رکندي هڪ دفعو ميرواهه تعلقي کي مقامي عورت اڳواڻ کي موقعو ڏيڻ گهرجي: ڳالهيون

ٽري ميرواهه (رپورٽر) ٽري ميرواهه ثمرين عباس دستي سينيئر نائب صدر پيپلزليڊيزونگ ضلع خيرپور پاران ايندڙ اسيمبلي ۾ عورت جي مخصوص سيٽ تي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ٿيڻ لاءِ پارٽي ۾ اپلاءِ ڪرڻ جو اعلان هن سيي گيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽري ميرواهه : پ پ عورت اڳواڻ ثمرين عباس دستي پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

سکر شهر ۾ آڪڙا پرچي جوا جو ڪاروبار عروج تي، مذهبي تنظيمن ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل

ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي حڪمن کي حد ٿاڻن هوا ۾ اڏاري ڇڏيو، نوجوان نسل تباهه

روهڙي، آباد، پراڻو سکر، بشير آباد ڪالوني، بيراج ڪالوني، نيو پنڊ، نصرت ڪالوني ۾ جوا هلندڙ

شهرين جوا جا اڏا بند ڪرائي نوجوانن جو مستقبل بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر ۾ آڪڙا پرچي جوا جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو. اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سميت سکر جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ کلي عام تيزي سان جاري. سماجي، مذهبي تنظيمن ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٻيرلوءِ ۾ اسپيئر پارٽس
مارڪيٽ ۾ دوڪان جا تالا
ٽوڙي چوري جي ڪوشش

ٻيرلو (رپورٽر) پاس ٻيرلوءِ تي اسپيئر پارٽس مارڪيٽ ۾ دوڪان جا تالا ٽوڙي چوري جي ڪوشش چوڪيدار جي هوشيار ٿيڻ تي هٿيار ٽاڻي آندل لوڊر تي فرار حاجي محمد ظاهر قريشي جي دوڪان تي لڳل تالن کي ٽوڙي جڏهن سامان ڪڍڻ جي ڪوشش تي چوڪيدار جي مداخلت تي سنڌس جي مٿان هٿيار تاڻي گڏ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر: اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سرعام آڪڙا پرچي جو ڪاروبار هلي رهيو آهي

ڪربلا حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ لازوال قرباني جي داستان آهي: نعيم حسين

تاريخ اڄ تائين اهڙي قرباني جو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي، شهيدن اسلام کي بچايو

دشمنن امام حسين عليه السلام جي سروچ ساٿين ۽ لشڪر تي تير وسائڻ شروع ڪيا

سلطانپور (رپورٽ:قربان علي مهر) سلطانپور ۾ پوري ملڪ جيان يوم عاشور جو ڏهاڙو مذهبي جوش ۽ عقيدت سان ملهايو ويو ڪربلا جو واقعو حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ لازوال قرباني جي داستان آهي. تاريخ اڄ تائين اهڙي قرباني جو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي.حجته السلام والمسلمين نعيم حسين قمي ,ذاڪر اهلبيت رسول بخش جوڻيجو سلطانپور ۾ پوري ملڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان ۾ 10 محرم عاشوري جي موقعي تي 120 کان وڌيڪ ماتمي جلوسن برآمد

عزادارن پاران زنجيرن ماتم ڪيا ڪيترائي عزادار سخت زخمي ٿي پيا، مرڪزي ميرواري پڙ تي پهتو

نظر محمد شاهه دولياهه جو پڙ , بخاري جو پڙ، ساٿين جو پڙ، ملوڪ شاهه جو پڙ مائي وسائي جو پڙ نٿو جو پڙ پهتو

نياز نگر سبيلن لڳائيون ويون هيون جتي ماتمي جلوسن ۾ شرڪت ڪندڙ عزادارن ۾ نياز تقسيم ڪيا ويا: منتظمين

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ۾ 10 محرم عاشوري جي موقعي تي 120 کان وڌيڪ ذوالجناح علم پاڪن سيجن تابوتن سان ماتمي جلوسن برآمد عزادارن پاران زنجيرن ماتم ڪيا ڪيترائي عزادار سخت زخمي ٿي پيا جن کي ايمبولينس ذريعي اسپتالن پهچايو ويو خبر موجب ٽنڊومحمدخان ۾ 10.محرم عاشوري جي موقعي تي مجلسون منعقد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور اي سيڪشن ٿاڻي جي
حد پنج هٽي چوڪي پرسان
نامعلوم چور گهر ڀاري ويا

خيرپور (رپورٽر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پنج هٽي چوڪي پرسان نامعلوم چور رٽائر فوجي سخا حسين موريجو جو گهر ڀاري ويا .سخا موريجو موجب اسان گهر ڀاتين سميت پنهنجي ڳوٺ ويل هئاسين ته نامعلوم چور گهر جا تالا ٽوڙي گهر ۾ پيل هڪ تولي کان وڌيڪ سونا زيور ، ويه هزار روڪ رقم ,ايل سي ڊي ,بيٽري ۽ سولر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊومحمدخان: يوم عاشور تي عزادار زنجير زني ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران بک هڙتال شروع

شاگردن تي ٿيندڙ تشدد، فيسن ۾ وسيع واڌ خلاف شروع ڪيل بک هڙتال ۾ ڪارڪنن پاران شرڪت

وجاهت جاگيراڻي، مازن، رضوانہ سنڌي شاگرد سٿ ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو

پروگريسو اسٽوڊنٽس ڪليڪٽو جي ورثہ پيرزادو، جسونت، سياف طرفان عرض لهر سميت ٻين ٻئي شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل شاگرد محاذ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن، سنڌي شاگرد سٿ، پروگريسو اسٽوڊنٽس ڪليڪٽو ۽ سياف طرفان ڪراچي پريس ڪلب آڏو بک هڙتال شروع ڪئي وئي آهي داؤد يونيورسٽي اندر شاگردن جي خارج ڪيل داخلا،شاگردن تي ٿيندڙ تشدد، فيسن ۾ وسيع واڌ خلاف شروع ڪيل بک هڙتال ۾ جيئي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مريدشاخ پرسان ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مزاري دشتي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

حبيب دشتي.مزاري دشتي.راشد علي دشتي.عاشق دشتي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

زمين تي شاهمراد دشتي.شاهه علي دشتي.دلمراد دشتي.شهزادو دشتي ۽ ٻيا قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: مظاهرين

مال واپس ڪراڻ لاءِ وڏو منشي غلام محمد لغاري ۽ غلام عباس بوهڙ 150000 ڏيڊ لک روپيه رشوت گهري رهيا آهن

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو مريدشاخ پرسان ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مزاري دشتي جي رهواسين جو ڪنيڙا پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو.ان موقعي تي حبيب دشتي. مزاري دشتي.راشد علي دشتي - عاشق دشتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

چيلهار ۾ راماپير مندر جتي
هر سال ڏام ڌوم سان لڳندڙ
ميلي لاءِ انتظام ڪيا ويا

مٺي (رپورٽر) چيلهار ۾ راماپير مندر جتي هر سال ڏام ڌوم سان لڳندڙ ميلي جنهن ۾ سموري سنڌ مان هزارن جي تعداد ۾ راماپير کي مڃيندڙ پنڌيٽڙا آهن انهن هزارين ماڻهن لاءِ سهوليتن جي ڪوٽ کي ڏسندي اقليتين واري صوبائي وزير ايم پي اي گيانچند ايسراڻي ماڻهن جي سهوليت لاءِ هڪ وڏي هال جي اسڪيم ڏني هئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

اوباوڙو: ڳوٺ مزاري دشتي واسي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٿر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي وڌندڙ واقعن جا سبب ۽ حل جي سري هيٺ ٿر ايڪشن فورم طرفان ڪانفرنس

واسين جو ڪنوڻ لاءِ هڪڙو اتساهه هوندو هو، پر ڪنوڻ هاڻي خوف جي علامت بڻجي وئي آهي: نندلال مالهي

گذريل ڪجهه سالن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ واڌ آئي آهي، جنهن جي ڪري جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي

ماحولياتي تبديلين جا سبب به ٿي سگهن ٿا, جيڪي جامع اسٽڊي ذريعي ئي سامهون اچي سگهن ٿا: ولي محمد راهمون

مٺي(صادق بجير) ٿر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي وڌندڙ واقعن جا سبب ۽ حل جي سري هيٺ ٿر ايڪشن فورم طرفان مٺي ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ڪانفرنس کي افتتاحي خطاب ڪندي ڪنوينر ٿر ايڪشن فورم ۽ پ پ پ جي انفارميشن سيڪريٽري ٿرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي چيو ته ٿر واسين جو ڪنوڻ لاءِ هڪڙو اتساهه هوندو هو, پر ڪنوڻ هاڻي خوف جي علامت بڻجي وئي آهي. ٿر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز ۾ برسات شهرين جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، شهري گهرن تائين محدود

انتظامي لاپرواهي سبب اسٽيشن روڊ، طالب سولنگي، فوڊ گودام، سول اسپتال روڊ متاثر

متاثرين کي گهر ٺاهڻ لاءِ رقم نه ملي سگهي، سافڪو انتظاميا شهرين کان رشوت گهرڻ لڳي

شهرين پاران ضلعي انتظامان جي اڻڏگي روبي خلاف 1 آگسٽ تي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ برسات شهرين جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، شهري گهرن تائين محدود، اسٽيشن روڊ، طالب سولنگي، فوڊ گودام ، سول اسپتال، پڊعين روڊ، مورو روڊ، مٺا روڊ، گرلس هاءِ اسڪول، سميت شهر جي سمورا علائقا مينهن جي پاڻي ۾ گندي پاڻي ۾ ٻڏل، مونسپل انتظاميا ۽ ضلع انتظامان غائب، شهر عذاب ۾، گذريل سال جي برسات متاثرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو مستي لڳ اسڪارپ
ڪاتي ايس ڊي او جي بدلي
خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪنب (رپورٽر) ٽنڊو مستي لڳ اسڪارپ ڪاتي جي ايس ڊي او سجاد علي سومرو جي پمپ اسٽيشن جيلاني سر نالي تان بدلي ٿيڻ خلاف علائقي واسين مولانا غلام شبير چانڊيو، امير علي چانڊيو غرض محمد اڄڻ ۽ ٻين اڳواڻي ۾ ٽنڊو مستي پير ڳوٺ پمپ اسٽيشن جيلاني روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

وارهه ڌوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، ڏاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل، انتظاميه خاموش

گل پرڙو روڊ سان نوجوان عارف علي ٽنيو کان 2023 ماڊل 125 موٽرسائيڪل ڦري ٿي

متاثر نوجوان پنهنجي چاچي ممتاز علي ٽنيو سان گڏ تعلقه پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

هن وقت تائين پوليس انتظاميه ڪو به ايڪشن ناهي ڪنيو، اسان غريب مسڪين آهيون: متاثرين

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ڌوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو ڏاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل گذريل ڏينهن شام جو گل پرڙو روڊ سان نوجوان عارف علي ٽنيو کان 2023 ماڊل 125 موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦر متاثر نوجوان طرفان پنهنجي چاچي ممتاز علي ٽنيو سان گڏ تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ان موقعي هن ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 31 جولاءِ 2023ع

ڪارونجهر جي ڪٽائي وارو معاملو

داخل ڪرائي، جنهن تي عدالت چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز ڊولپمينٽ ڊپارٽمنٽ، سيڪريٽري ڪلچرل اينڊ ٽوئرزم، سيڪريٽري فاريسٽ اينڊ وائلڊ لائيف، ڊائريڪٽر جنرل مائنز اينڊ منرلز سميت ٻين لاڳاپيل اختيارين کي نوٽيس جاري ڪندي پهرين آگسٽ تي طلب ڪري ورتو. ايڊووڪيٽ شنڪر ميگهواڙ درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته ڪارونجهر رڻ ڪڇ جي جهنگلي پناهه گاهه آهي، جنهن ڪري ڪارونجهر جي ڪٽائي هميشه لاءِ بند ڪئي وڃي، جيڪڏهن ڪير به ڪارونجهر جي ڪٽائي ڪري ته ان خلاف قانوني قدم کنيو وڃي. ڪارونجهر هڪ پڪنڪ پوائنٽ آهي ۽ تاريخي ورثو آهي، جنهن کي عالمي ثقافتي ورثي ۾ شامل ڪيو وڃي. سنڌ حڪومت کان اسين پڇڻ ٿا چاهيون ته ڇا سنڌ جي ترقي ڪنهن به تاريخي ۽ سياحتي ماڳ کي متاثر ڪري ان جي وڍ ٽڪ ڪري ئي ٿي سگهي ٿي يا ان جو ڪو ٻيو حل به آهي. سنڌ حڪومت اهو سمجهڻ لاءِ تيار ڇو ڪونهي ته ڪارونجهر مان پٿر ڪڍي ايتري ڪمائي نٿي ٿي سگهي، جيترو ان کي قائم رکي ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪارونجهر هڪ بهترين سياحتي ماڳ ٺهي ٿو ۽ اتي سمورين سهولتون ماڻهن کي فراهم ڪيون وڃن ته پوءِ ڪارونجهر ڪمائيءَ جو بهترين ذريعو ٿي سگهي ٿو.
اسين سمجهون ٿا ته ملڪي ترقي رڳو ڪارونجهر ۾ موجود گرينائيٽ جي ڪٽائيءَ سان لاڳاپيل ڪونهي پر جهڙي ريت سنڌ جي ٻين تاريخي ماڳن جي حفاظت ڪئي وڃي ٿي، اتي سياحت وسيلي پئسو ڪمايو وڃي ٿو اهڙي ريت هتي به ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري سنڌ جي تاريخي ماڳن سان هٿ چراند ڪري، انهن جون شڪليون بگاڙڻ ڪان بهتر آهي ته انهن جو تحفظ ڪيو وڃي. سڄي دنيا جو ڌيان انهن ڏانهن ڇڪائي سنڌ کي معاشي طور فائدو ڏنو وڃي.

ن ـ ليگ ۽ پ پ هڪ پيج تي، اتحادين ۾ ڳڻتي جي لهر

الهه بخش راڻوڙ

هينئر تائين ملڪ جي ايندڙ سياسي سيٽ اپ بابت جيڪي فيصلا ٿي رهيا آهن، انهن ۾ پ پ ۽ ن ليگ ئي شاٽس ڪيڊنڊي نظر اچن ٿيون. ان حوالي سان اتحادين، خاص ڪري مولانا فضل الرحمان جي ڳڻتي نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي. اي اين پي جهڙين پارٽين کي به ٻٽي بحران کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هڪ طرف ڪي پي ڪي ۾ مخالف سياسي پارٽيون، اڳڀريون نظر اچن ٿيون، ته ٻئي پاسي، پارٽي جي اندر قيادت جي معاملي تي اختلاف تيز ٿي ويا آهن. جنهن سان پختونن جي روايتي پارٽي وڌيڪ ڪمزور ٿي ويندي ۽ ان جي جاءِ جي يو آءِ، ن ليگ ۽ پي ٽي آءِ جو الڳ ٿيل گروپ والاريندو.

حڪومتي اتحاد ۾ هيل تائين جيڪي فيصلا ٿيا يا ٿيڻ وارا آهن، انهن ۾ ن ليگ ۽ پ پ ئي پهرين صفحي تي نظر اچن ٿيون. اهڙي ريت اتحادين کي ٻنهي مک پارٽين جي پٺيان پٺيان هلڻو پئجي رهيو آهي. اتحادين ۾ مولانا فضل الرحمان جا سياسي اسٽيڪس وڌيڪ خطري ۾ آهن. جي يو آءِ لاءِ خطرو ن ليگ ناهي، پر پيپلز پارٽي آهي. جيڪڏهن پيپلز پارٽي زور لڳايو ته اها ڪي پي ڪي مان ڪجهه سيٽون حاصل ڪري سگهي ٿي، پر مولانا فضل الرحمان کي وڌيڪ نقصان بلوچستان ۾ ٿيندو جي يو آءِ جو بلوچستان جي پختون بيلٽ ۾ محمود خان اڇڪزئي سان مقابلو ٿيندو. باقي بلوچ بيلٽ ۾ پيپلز پارٽي سياسي انويسٽمنٽ ڪئي ته آهي ۽ ڪيترن ئي اهم اڳواڻن کي پنهنجي فولڊ ۾ آندو آهي. پر ان جي باوجود اهي بلوچ اڳواڻ، جن کي شروع کان واڳ ڌڻين جي آشيرواد حاصل رهي آهي، انهن پهريان ته پيپلز پارٽي ڏانهن ڏنو پئي، پر هاڻ اسٽيٽس ڪو برقرار رکڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. بلوچستان ۾ جي يو آءِ کي پ پ سياسي نقصان پهچائي سگهي ٿي. ان سان گڏ پنجاب ۾ ٽوڙي جو پ پ وڌيڪ اڳڀري ٿي آهي، پر ان جي باوجود استحڪام پاڪستان سميت جيڪي گروپ ٺهيا آهن، اهي اصل ۾ واڳ ڌڻين جا ٽرمپ ڪارڊ آهن. اسٽيبلشمينٽ هڪ ئي وقت پ پ ۽ ن ليگ سان ان معرفت سوديبازي ڪري سگهي ٿي، پر ان جو دارومدار ان تي آهي ته عوام انهن کي جيڪڏهن رد ڪري ڇڏيو ته سموري صورتحال تبديل ٿي ويندي. ماضي ۾، خاص ڪري پنجاب ۾، سياسي پارٽيون، پوءِ پ پ هجي

يا ن ليگ، انهن کي ٽوڙيو ويو ته اهي سمورا اڳواڻ جيڪي انهن گروپن جو حصو هئا ۽ عام چونڊون کٽيندا به هئا، عوام انهن کي عاق ڪري ڇڏيو. انهن ۾ فيصل صالح حيات کان وٺي ڪيترائي اڳواڻ شامل هئا. ن ليگ کي ڇڏيندڙ چوڌري پائرن جا حال به سڀني جي سامهون آهن. ان سان گڏ جن پي ٽي آءِ کي ڇڏيو ۽ انهن جي سيٽن تي چونڊون ٿيون، اهي به هارائي ويا. ان مان هي سبق وٺي سگهجي ٿو ته جن پنهنجن مڏر پارٽين سان بيوفائي ڪئي، عوام به انهن کي رد ڪري ڇڏيو. انڪري ڪي پي ڪي ۾ پرويز خٽڪ هجي يا، پنجاب ۾ ترين ۽ ٻيا، انهن جو سياسي مستقبل به سٺو نه هوندو هي سمورا اهڙا پتا آهن، جن کي اسٽيبلشمينٽ استعمال ڪندي. هينئر ته پي ٽي آءِ جي پنهنجي حالت به رحم جوڳي آهي. انڪري اڪثر فيصلا ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي کي ڪرڻا آهن. سنڌ جنهن کي پ پ جو ڳڙهه سمجهيو ويندو آهي، اتي ٽوڙي جو ايم ڪيو ايم ۽ جي ڊي اي کي هڪ پيج تي آندو ويو آهي، پر اهي هينئر به پ پ جو متبادل ناهن. پرواڳ ڌڻي، سنڌ ۾ پنهنجو سياسي ٽڪ جوڙڻ گهرن ٿا. جنهن لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون وينديون. هينئر مستقبل جو سيٽ اپ هجي يا ايندڙ حڪومت جي جوڙجڪ سمورا فيصلا دبئي ۾ ٿي رهيا آهن. هي خبرون به آيون آهن ۽ انهن جي ن ليگ تصديق به ڪري ٿي ته مستقبل جي نگران سيٽ اپ جي حوالي سان معاملا طئي ٿي چڪا آهن. بس انهن تي مولانا فضل الرحمان سميت اتحادي کان آگونو لڳرائڻو آهي. دفاع جي وزير خواجا آصف ته تصديق ڪئي آهي ته انهن پ پ سان گڏجي پنج نالا شارٽ لسٽ ڪيا آهن. انهن مان واڳ ڌڻين جا اميدوار ڪيترا آهن، ان بابت ڪو به ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪڏهن نگران وزير اعظم جي اميدوارن جا نالا ظاهر ڪيا ويا ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويندي ته اهي ڪنهن جا نامزد ٿيل هوندا. ڪي حلقا هينئر به چون ٿا ته ظاهري طور تي ايندڙ سيٽ اپ جي حوالي سان سرگرميون ته سياسي پارٽيون ڪري رهيون آهن. پر واڳ ڌڻي چاهين ٿا ته انهن جو اميدوار قبول ڪيو وڃي. ٻئي مک پارٽيون، اسٽيبلشمينٽ کي خدمت جو موقعو ڏين. هي پارٽيون واڳ ڌڻين جي اميدوارن کي ڪيئن قبول ڪنديون؟ ڇاڪاڻ ته انهن جو سياسي مستقبل ان سيٽ اپ سان جڙيل هوندو. واڳ ڌڻين

جي روايتي سوچ هي رهي آهي ته اهي نگران سيٽ اپ هجي يا وفاقي ڪابينا، ان ۾ ٽيڪنوڪريٽس وڌيڪ هجن. ڇاڪاڻ ته انهن کي ووٽ وٺڻ لاءِ ڪنهن به وٽ وڃڻو نه هوندو آهي. اهي سياسي جانور گهٽ باقي ٻيو ڪجهه وڌيڪ هوندا آهن.
ن ليگ، جنهن طريقي سان معاملن کي ڏسي رهي آهي، ان تي خاص ڪري نان سويلين قوتون، وڌيڪ ناراض نظر اچن ٿيون. ليڪن جو خيال آهي ته واڳ ڌڻين عمران خان کي فارغ ڪري ڇڏيو آهي. انڪري، خاص ڪري پنجاب ۾ انهن لاءِ ميدان صاف آهي، پر هي ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي ته پنجاب، جيڪو جنگ جو اصل ميدان هوندو آهي، اتي، جيڪڏهن پي ٽي آءِ جي صفائي جو بندوبست ڪيو ويو آهي، ته هي ميدان آساني سان ن ليگ جي حوالي به ٿيڻ نه ڏنو ويندو. جيڪڏهن ايندڙ چونڊن کان پهريان ميان نواز شريف کي به ڪلين چٽ نه ملي سگهي ته مريم نواز ۽ ميان شهباز شريف صورتحال کي سنڀالي نه سگهندا. واڳ ڌڻي ته معاملن کي التوا جو شڪار بنائڻ گهرن ٿا. ته جيئن ن ليگ جي سگهه کي گهٽائي سگهجي ۽ ٻين ڌرين کي به خدمت جون موقعو ملي سگهي. جهڙي ريت عمران خان، اقتدار ۾ رهندي، وڌيڪ غير مقبول ٿي ويو هو، ساڳي طرح سان اسڪرين تي ن ليگ نظر اچي ٿي. انڪري جيڪي به عوام دشمن فيصلا ٿيا آهن، انهن ۾ موجوده وزير اعظم جي پارٽي جو حصو وڌيڪ نظر اچي ٿو. عمران خان جيان، غير مقبول فيصلن جي قيمت به ن ليگ کي ادا ڪرڻي آهي. ٽوڙي جو ن ليگ جي قيادت جو بيانيو آهي، ته ان رياست کي بچائڻ لاءِ سياست جي قرباني ڏني. پر ڪا به سياسي پارٽي، ڳري قيمت ادا ڪرڻ کان بچي نه سگهندي. هي قيمت، ن ليگ کي ادا ڪرڻي آهي.
واڳ ڌڻين جيڪا سياسي انويسٽمنٽ ڪئي آهي، ان جو منوقل ڪاڻڻ لاءِ آتا آهن. انڪري خطرو هي آهي ته جيڪڏهن پ پ ۽ ن ليگ مان ڪا هڪ پارٽي وڌيڪ واڳ ڌڻين جي پسنديده ڌر بڻجي وئي ته معاملا خراب به ٿي سگهن ٿا. پر سياسي پنڊت ان راءِ جا آهن ته ممڪن آهي ته ايندڙ نگران سيٽ اپ هجي يا وري نئين حڪومت، واڳ ڌڻي نه چاهيندا ته مک سياسي پارٽيون ناراض هجن. انڪري حڪومتي اتحاد کي برقرار رکڻ جي ڪوشش جاري رهندي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙج بات؛
هَتِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي

ڪابي ڌر جو سياسي بحران

ممتاز منگي

هن ملڪ ۾ مجموعي طور تي سياست بحرانن جي ور چڙهندي رهي آهي ۽ انهن بحرانن جو الزام يا تنقيد وڏ کان وڏ پارٽين تي ٿيڻ کان وڌيڪ ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ جي ۽ ٻاهرين طاقتن عالمي اسٽيبلشمينٽ ۽ خاص ڪري آمريڪي حڪومتن، حڪمران ٽولن تي ٿيندي رهي آهي اها تنقيد ايتري وڌندي ان نهج تي پهچي چڪي آهي جنهن تي حڪمران طبقي جي سياست ڪندڙ ليڊرشپ پنهنجي تمام ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کي تنقيد ڪرڻ جي بجاءِ يا ان ۾ سڌاري آڻڻ جي بجاءِ الزامن جو سهارو وٺي پاڻ کي بي گناهه ۽ مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهي ڪوشش ۾ اهي ڪنهن حد تائين ڪامياب به ويا آهن ان حقيقت کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي ته عالمي سامراجي طاقتون پنهنجي استحصال ۽ جبر کي مستحڪم رکڻ جي لاءِ هر وقت مفادن جي حڪمتِ عملي اختيار ڪندي ڪمزور ۽ غريب ملڪن ۾ پنهنجون پاليسيون ۽ سازشون ڪنديون رهيون آهن ۽ ڪنديون رهنديون. سياسي پارٽين جو پهريون ڪم اهوئي هوندو آهي ته هو پنهنجي ملڪي مفادن جي مدنظر انهن سازشن جو مقابلو ڪن ۽ پنهنجا پلو يا سياسي پارٽي انهن جي اثر و رسوخ کان ٻاهر ڪڍي پنهنجي سياست کي پنهنجي عوامي طاقت سان مستحڪم ڪن ۽ اڳتي وڌائن ائين ڪرڻ سان لازمن هي ٿيندو ته عوامي حڪمتِ عملي اختيار ڪندي هو ڪنهن نه ڪنهن حد تائين پنهنجي خود مختيار حيثيت بحال ڪرڻ جي طاقت عوام کي ٻڌائيندي ته سياست جي گرفت هنن جي هٿن مان يعني خانداني ۽ مخصوص گروهه جي مفادن کان ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ٻاهر نڪري ويندي ۽ اها طاقت عوام کي وڌيڪ صف بند ڪندي.
اهڙي حڪمتِ عملي هو پنهنجي مفاد ۾ نٿا سمجهن تنهن ڪري داخلي ۽ خارجي اسٽيبلشمينٽ ۽ طاقتن سان ڳٺ جوڙ ڪري سياست جي راند هڪ قدم اڳتي ٻه قدم پوئتي چالن سان هلائيندا رهن ٿا. جيڪڏهن هو چاهن ته هن ملڪ ۾ اهائي طبقاتي جمهوريت مضبوط به ٿي سگهي ٿي اها طبقاتي سياست به مضبوط ٿي سگهي ٿي بلڪل ائين ۽ اهڙي طرح هن ملڪ جي ڪابي ڌر جي سياست جو بحران به اهڙي ئي پاليسين جو نتيجو آهي ۽ حڪمتِ عملين جو آئينو آهي جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون.
پاڻ اهو الزام ڪابي ڌر تي نٿا لڳايون ته هو ملڪي اسٽيبلشمينٽ جي آلاڪار رهي آهي يا عالمي اسٽيبلشمينٽ ۽ سامراجي سازشن جو ٽول رهيا آهن بيشڪ ڪابي ڌر تي هتان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ رولنگ ڪلاس جو هڪ حد تائين دٻاءُ رهيو آهي ۽ ان دٻاءُ جي نتيجي ۾ ڪنهن حد تائين هنن تشدد به برداشت ڪيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ هنن جا ڪجهه اڳواڻ ۽ ڪارڪن قربان ٿيندي وڃڙي به ويا آهن پر بدترين ۽ بي رحم تشدد ڪابي ڌر جي سياست تي ان سطح جو ناهي ٿيو جيترو ٻين ملڪن جي اندر ڪابي ڌر ۽ ڪميونسٽن تي ٿيو آهي انهيءَ جو هڪ ڪارڻ هي به رهيو آهي ته ڪابي ڌر پنهنجي سياسي سگهه ۾ ايتري طاقتور بڻي ناهي جو انهيءَ تي ايترو تشدد ڪرڻ ضروري سمجهو وڃي.
ڪابي ڌر جي سياست جي اڪثريت جو تعلق مڊل ڪلاس ۽ انٽليڪچيل سان رهيو آهي هنن مزدور ۽ پورهيت طبقي سان پنهنجو تعلق پوري گهرائي، سخت محنت ۽ جفاڪشي سان ناهي جوڙيو ۽ نه وري طبقاتي تحريڪن کي مستقل مزاجي سان اڳتي وڌايو آهي مثال پنجاب جي اندر ڪجهه هاري تحريڪون وڌيون پر مطالبن جي حد کان ٻاهر وڌي نه سگهيون ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ سياسي گروهه بندين جو شڪار ٿي ويون. اهڙي طرح سنڌ جي اندر حيدر بخش جتوئي جو به مثال پاڻ ڏئي سگهون ٿا پر عملي طور تي ڪابي ڌر جي گروهه بندين جو وڏو ڪارڻ مڊل ڪلاسي ڪلچر جو هجڻ ۽ انٽليڪچيل تڪبري بحثن ۾ غرق ٿيڻ ئي رهندو آيو آهي هنن سياسي نظريي تنظيم کي عوام تائين پهچائڻ جي مزدوري ناهي ڪئي ۽ اهوئي بحران هن وقت تائين رهندو پيو اچي مڊل ڪلاسي ڪڄ بحثي جا رويا ليڊرشپ جي نفسياتي بيماري هنن اهو ناهي ڪيو جيڪو هنن جي سياسي نظرياتي اصولن جي تقاضا آهي ظاهر آهي ته پورهيت سياست جي ۽ انقلاب جي ڳالهه ڪندي جي مڊل ڪلاسي دائرن ۾ ورهايو ويندو ته انهن جو سياسي بحران نه رڳو اٿئر اهوئي انهن جو مقدر ٿيندو جيستائين ڪابي ڌر ان بند دائري کي ٽوڙي عوام ۽ پورهيت ڏانهن نه وڌندي تيستائين طاقتور ٿيڻ صرف ۽ صرف هڪ ديوانگي جو خواب ٿي رهندو.

بقايا 01 ***
سفارتخاني جي آفيشل ٽوئٽر اڪائونٽ تان ٽوئٽ ڪئي وئي آهي ته آرمي چيف جنرل عاصم منير متحده عرب امارات جي صدر محمد بن زايد النهيان سان ملاقات ڪئي آهي، ملاقات دوران آرمي چيف جنرل عاصم منير يو اي اي صدر جي ڀاءُ شيخ سعيد بن زايد النهيان جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعا پڻ گهري وئي. ياد رهي ته متحده عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان جو ڀاءُ شيخ سعيد بن زايد النهيان ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو هو سندس لاڏاڻي تي 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي جنهن دوران اماراتي جهنڊو جهڪيل رهندو.

بقايا 02 ***
ويون آهن. اونٽي واري ڪچي جي بند تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته ڌاڙيل پوليس کي ڪمزور ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون ڪري رهيا آهن پر پوليس ثابت قدم رهي آهي انڪري هاڻ اغوا وارين وارداتن ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي. ايمبولنس جوڙ هو ته ڪچي جي هڪ سئو 77 ڪلوميٽر واري علائقي ۾ 140 پوليس پڪٽ تيار ڪيا آهن پوليس کي ڪچا الائونس به ڏنو ويندو. ڪشمور ۾ به چوڪيون ناهي رهيا آهيون. هن چيو ته ڌاڙيل غريب ماڻهن کي اغوا ڪن ٿا جن وٽ ڪين ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه ناهي هوندو. پوليس جي ڪوشش سان انهن مان گهڻا واپس ڪرايا ويا آهن. مراد علي شاهه چيو ته ڪشمور مان 2 هندو اغوا ٿيل آهن جن کي جلد واپس ڪيو ويندو. هن چيو ته مقامي ماڻهن کي پوليس سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ گهرجي ته جيئن امن امان کي برقرار رکي سگهجي. ان موقعي تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا پوليس اهلڪار ۽ عملدار پڻ گڏ هئا.

بقايا 03 ***
عظيم ميٽڪ کي بازياب ڪرائڻ جي تصديق ڪري ڇڏي. مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن وزيراعليٰ سنڌ جي رستا روڪ ڪري ورتي، مراد شاهه پاران بازيابي جي خاطريسنڌ جي وڏي وزير مراد شاهه جي ڪنڌڪوٽ آمد وقت ڪنڌڪوٽ جي گولا موڙ وٽ مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن روڊ بلاڪ ڪيو. مغوي نينگر فرحان سومرو جي وارثن سان سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گاڏي مان هيٺ لهي مليو ۽ معلومات ورتيسنڌ جي وڏي وزير پاران مغوي نينگر فرحان سومرو جي بازيابي جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا 04 ***
آهي ته 9 آگسٽ تي قومي اسيمبلي ٽوڙي ويندي ۽ 3 مهينن کان پوءِ چونڊون ٿينديون. خورشيد شاهه چيو آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبليون به 9 آگسٽ تي ٽوڙيون وينديون. نگران وزيراعظم جي لاءِ پنج نالا شارٽ لسٽ ڪيا ويا آهن جن ۾ سياسي نالا به شامل آهن. ياد رهي ته دفاع واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته ٻن وڏين اتحادي پارٽين نگران وزيراعظم جي لاءِ پنج نالن جي چونڊ ڪري ورتي آهي. اهي پنج نالا صرف مسلم ليگ(ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ آهن. ٻئي پارٽيون سياستدان کي نگران وزيراعظم بنائڻ جي حق ۾ آهن. خواجا آصف اميد ظاهر ڪئي آهي ته هڪ هفتي ۾ ڪنهن هڪ جو نالو فائنل ڪيو ويندو. جنهن کان پوءِ ٻين اتحادين سان به مشاورت ڪئي ويندي.

بقايا 05 ***
ته 123 ڄڻا زخمي آهن. جن مان 17 جي حالت نازڪ آهي. خيبرپختونخواهه جي گورنر حاجي غلام علي به ڌماڪي ۾ مارجي ويلن جو انگ 39 ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي. ٻئي طرف باجوڙ جي ضلعي هيلٿ آفيسر باجوڙ فيصل ڪمال موجب ڌماڪي ۾ فوت ٿيندڙن جو انگ 45 ڄڻن کي اسپتال آندو ويو آهي. جڏهن ته 150 کان وڌيڪ زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. هڪ اکين ڏٺي شاهد ڊان نيوز کي ٻڌايو ته

(ف) جو مذهبي اسڪالر عبدالشڪور جيئن ئي تقرير ڪرڻ آيو ته زوردار ڌماڪو ٿيو. جڏهن هوش آيو ته هر طرف لاش پکڙجي ويا. ڌماڪي وقت جميعت علماءِ اسلام (ف) جا ڪارڪن وڏي انگ ۾ ڪنوينشن ۾ موجود هئا. جنهن سبب وڏي انگ ۾ مارجي وڃڻ جو خدشو آهي. ڌماڪي جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو. پر ڌماڪي جي نوعيت بابت ڪجهه به واضح ناهي ٿي سگهيو ته اهو آپگهاتي حملو هو يا بارودي مواد ڪنهن شيءِ ۾ نصب ڪيو ويو هو. جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري فاتا خالد جان داوڙ ڊان نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته جي يو آءِ جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ضلعي جي امير مولانا ضياءَ الله جان سميت درجنين جي شهيد ٿيڻ جا اطلاع آهن. هن صوبائي ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته زخمين جي لاءِ فوري هيلي ڪاپٽر جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ سڄي ملڪ ۾ ڪارڪنن کي پرامن رهڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا 06 ***
جي روڪٿام جي بل کي ڊراپ ڪري ڇڏيو. سينيٽ جي اجلاس ۾ بل مملڪتي وزير شهادت اعوان پيش ڪيو، جنهن تي سينيٽ چيئرمين راءِ طلب ڪئي ته ڇا بل کي لاڳاپيل ڪاميٽي ڏانهن موڪليو وڃي؟ جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيو ته هن بل ذريعي اوهان پنهنجا هٿ وڏي رهيا آهيو، هي بل سڀاڻي اسان سڀني لاءِ مصيبت بڻجندو، اهڙي قانونسازي نه ڪئي وڃي جنهن سان آئين جي ڀڃڪڙي ٿئي. نيشنل پارٽي جي طاهر بزنجو چيو ته نواز ليگ کان شڪايت آهي ته جيتري به قانونسازي ڪئي آهي ان تي اعتماد ۾ ناهي ورتو. اڄوڪي قانونسازي جمهوريت تي ڪليل حملو آهي. جيڪڏهن بل پيش ڪيو ويو ته اسان سينيٽ مان واڪ آئوٽ ڪنداسين. جي يو آءِ سينيٽر عبدالغفوري حيدري چيو ته اتحادين کي خبر ئي ناهي، سڀاڻي اسان سان ڇا ٿيڻ وارو آهي. حڪومت ۾ قانونسازي ڪئي ويندي آهي پوءِ ڦندو پنهنجي ئي ڳچي ۾ پوندو آهي. شڪايت ڪرڻ چاهيان ٿو ته اڄ اجلاس گهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. شڪر آهي ته 10 محرم تي اجلاس نه گهرايو ويو. جي يو آءِ هن بل جي مخالفت ڪندي، بل پيش ٿيو ته واڪ آئوٽ ڪنداسين. جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد چيو ته هن بل جي مخالفت ڪندس. هي رڳو پي ٽي آءِ نه پر سمورين پارٽين جي خلاف آهي. بل رد ڪريان ٿو. سڀاڻي هي سمورين پارٽين لاءِ ڦندو بڻجندو. پي ٽي آءِ ميمبرن بل پيش ٿيڻ دوران ايوان ۾ احتجاج ڪيو، بل جي مخالفت ڪئي. جڏهن ته سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي چيو ته حڪومت ڪري يا نه ڪري هن بل کي آئون ڊراپ ڪريان ٿو.

بقايا 07 ***
ملڪ مختلف معاملن تي ڳالهيون ڪندا. دبئي ۾ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو مادام تساڏ ۾ ٻهرين پاڪستان شخصيت بينظير ڀٽو جي موم جي ٺهيل مجسمي جي تقاب ڪشائي جي تقريب ۾ شرڪت ڪندو. پرڏيهي وزير جو متحده عرب امارات جو دورو پاڪستان جي مضبوط رابطن، لاڳاپن ۽ ٻطرفي لاڳاپن جي عڪاسي ڪري ٿو. ٻئي ملڪ ڀائيسري لاڳاپن کي مستحڪم بنائڻ ۽ گڏيل طور تي فائديمند اقتصادي ڀائيواري کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهن.

بقايا 08 ***
ڏيندي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي هڪ بيان ۾ فيصل واوڊا لکيو ته نوازشريف جي ويجهي ساٿي خواجا آصف ٻڌايو ته ميان نوازشريف واپس اچڻ لاءِ جنهن باجوه جو نالو جلسن ۾ ڪٺي پنهنجي حڪومت جي خاتمي جو بيانو بنايو ان ئي باجوه صاحب جي ايڪسٽينشن لاءِ زور ڏئي ووٽ ڏيارايو پنهنجي بيان کي جاري رکندي هن چيو ته عمران خان

بنايو مولانا به وهنڊڙ گنگا ۾ اسٽيبلشمينٽ کي اکيون ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته وقت جي ضرورت اها آهي جڏهن چاهيو جنهن کي چاهيو گاريون ڏيو ۽ جنهن وقت ضرورت پوي معصوم بار بڻجي اقتدار جي حوس ۾ پنهنجو پاڻ کي ٻيهر پيش ڪريو باجوه صاحب غلط آهي يا پي ڊي ايم پلس پي ٽي آءِ سميت سمورين 14 پارٽيون؟ وقت اچي ويو آهي ته اسان آزمايل ماڻهن جو ماضي نه وساريون انهن جي اندر به اسٽيبلشمينٽ خلاف ساڳيو ئي زهر ۽ بغض موجود آهي ۽ پاڪستان جي حالت مان خبر پئي ٿي ته هي ملڪ جا خيرخواهه نه آهن فيصل واوڊا وڌيڪ چيو ته جن اڳواڻن جا پنهنجا فريم تيڙها آهن اهي ملڪ جو فريم ڪهڙو سڌو ڪندا. جيڪي پاڻ بيهي نٿا سگهن اهي ملڪ کي ڪيئن بيهاريندا. جيڪي پاڻ نٿا هلي سگهن اهي ملڪ کي ڪهڙو هلائيندا؟ هنن جي ايڪسپائري تاريخ ختم ٿيندي به ڪيترائي سال گذري چڪا آهن. اهڙي ملڪ ۾ صرف قلفي وارن کي 3 مهينا جيل ٿي سگهي ٿي جج جي زال کي معصوم ٻارڙي تي وحشيانو تشدد ڪرڻ جي باوجود پوليس ضمانت ٿيڻ کان اڳ گرفتار نه ڪري سگهي ۽ ان کان وڏو شرمناڪ واقعو اهو آهي ته ان کي ضمانت به ڏني وئي هن چيو ته اڄ پاڪستان جي اهڙي حالت هنن اڳواڻن جي ڪري آهي اڃان به اسان جيڪڏهن انهي ساڳئي رستي تي هلندا رهياسين ته ڪوبه سڌارو نظر نه پيو اچي. هنن آزمايل اڳواڻن کان جان ڇڏائڻ جو اهوئي وقت آهي. هاڻ عوام کي پنهنجون اکيون کولڻيون پونديون الله پاڪستان تي رحم ڪري.

بقايا 09 ***
جڏهن ته 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. ڪي پي ڪي ۾ 2 ڏينهن دوران تيز طوفاني برسات سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 19 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته تيز طوفاني برسات سبب مختلف حادثن ۾ 20 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. صوبي ۾ برسات دوران ٻوڏ وهڪرن سبب 53 جانور به مري ويا. 14 گهر مڪمل طور تي تباهه جڏهن ته 103 کي جزوي نقصان پهتو آهي. بلوچستان ۾ به چوماسي جي برسات سبب ٿيندڙ نقصان جي رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي. بلوچستان کي سنڌ ۽ پنجاب سان ملائيندڙ روڊن سميت مختلف هنڌن تي روڊ اڃان تائين بند آهن. زوب ۾ ٻوڏ پاڻي وهندڙ 3 ڄڻن کي زنده بچايو ويو آهي. خضدار قومي شاهراهه ونگو وارو هنڌ گذريل 8 ڏينهن کان بند آهي. پنجاب ۽ سنڌ کي ملائيندڙ قومي شاهراهه پنجره پل واري هنڌ کي به عارضي طور تي تعمير ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ گذريل ڏينهن جي برسات سبب ٻوڏ وهڪرن عارضي طور تيار ڪيل پل کي ٻوڙي ڇڏيو ڪوهلو، سبي، برنائي، سنجاوي ۽ گنداهه واهه، نوتال. روڊ اڃان تائين بند آهن. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته قومي شاهراهه کي جلد کان جلد بحال ڪيو وڃي. پي ڊي ايم اي اختيارين موجب زوب ۾ ٻوڏ وهڪرن ۾ ٻڏندڙ 3 ڄڻن کي ريسڪيو ڪيو ويو برسات سبب هينئر تائين 115 گهرن کي مڪمل جڏهن ته 258 گهرن کي جزوي نقصان پهتو فوت ٿي ويلن جو انگ 10 آهي. جڏهن ته 13 زخمي ٿي چڪا آهن.

بقايا 10 ***
مجسمو اڄ دبئي جي مادام تساو ميوزيم ۾ لڳايو ويو. گلف نيوز موجب دبئي جي مادام تساو ميوزيم ۾ اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جو مجسمو پهريون ڀيرو ڪنهن پاڪستاني شخصيت جو هوندو. اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جو پٽ ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري هڪ ڏينهن جي دوري تي اڄ صبح يو اي اي پهتو. مجسمي جي پڌرائي واري تقريب ۾ ٻين معززين ۽ سفارتڪارن سان گڏ شرڪت ڪيائين. پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته بلاول پنهنجي دوري دوران پنهنجي اماراتي هم منصب شيخ عبدالله بن زيد النهيان سان ملاقات ۾ پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن جي سمورن رخن تي به ڳالهه ٻولهه ڪندو. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري صدر شيخ محمد بن زيد النهيان سان سندس ڀاءُ شيخ سعيد بن زيد النهيان جي لاڏاڻي تي تعزيت پڻ ڪندو. ان کان اڳ وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي مختصر دوري تي گڏيل عرب امارات پهتو. جتي هن صدر شيخ محمد بن زيد النهيان سان سندس ڀاءُ شيخ سعيد بن زيد النهيان جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. هڪ ڏينهن اڳ جاري ڪيل بيان ۾ پرڏيهي آفيس چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو دورو گڏيل عرب امارتن سان پاڪستان جي مضبوط لاڳاپن ۽ ٻنهي ڀائر ملڪن وچ ۾ گڏيل مثبت سهڪار جي عڪاسي ڪري ٿو بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ٻئي ملڪ ڀائراڻن لاڳاپن کي مسلسل مضبوط ڪرڻ ۽ گڏيل فائديمند اقتصادي ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهن.

بقايا 11 ***
ڪيو ويو. سينيٽ ۾ خطاب ڪندي پي ٽي آءِ سينيٽر سيف الله ابڙو چيو ته صدر جي خطاب تي تبصرو ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن اسان

سوچيو آهي ته ان صدر جي پنهنجي اهميت ڪيتري آهي؟ پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو آئيني عهدو آهي، چارئي اسيمبليون، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ صدر جي چونڊ ڪندي آهي هن چيو ته صدر جا اختيار اوهان ڏسو ته هن وٽ چانهه جا پئسا به ناهن، اهڙي وڏي عهدي جو ڪهڙو فائدو آهي؟ جيڪڏهن سال ۾ اچي رڳو گڏيل سيشن کي خطاب ڪرڻو آهي ته پوءِ اهڙا عهدا ايتري تڪليف سان نه اچڻ گهرجن صدر جو اميدوار هڪ هڪ صوبي ۾ ويندو آهي پر حالت اها آهي جو هن جي هٿ ۾ ڪجهه به ناهي. ملڪ جو وڏي ۾ وڏو عهدو آهي پر اختيار ٻڙي آهن. صدر جي اليڪشن جو جيڪو طريقيڪار آهي ان ۾ ترميم ڪئي وڃي اسان پي ٽي آءِ طور ان جي حمايت ڪنداسين سيف الله ابڙو چيو ته صدر رڳو سينيٽ ذريعي چونڊيو وڃي باقي اسيمبلين کي تڪليف نه ڏيو سينيٽ ۾ سڀني جي برابر نمائندگي آهي. صدر جي اليڪشن کي محدود ڪرڻ گهرجيسيف الله ابڙو چيو ته عيد مبارڪ ڏيڻ لاءِ ويس، صدر سان ملاقات ٿي. ڏاڍو افسوس ٿيو، جڏهن اهو پنهنجي چيمبر ۾ ويهندو آهي ته ايتري ريفريشمينٽ ايندي آهي جو ماڻهو ڪائينڊ تڪجي پوندو آهي. اتي ويس ته آئون انتظار ڪندو رهيس رڳو هڪ بسڪيٽ مليو ۽ چانهه جواڌ ڪوپ مليو اهڙي صدر جو ڪهڙو فائدو. جو چانهه به پوري نه ملي، بسڪيٽ پورا نه ملن. بهتر آهي ترميم آندي وڃيسينيٽ چيئرمين ڪيس چيو ته اوهان جيئن ڳالهه جي شروعات ڪئي ان مان ته ائين لڳو ته اوهان صدر جو عهدو ئي ختم ڪري ڇڏيو. سينيٽ چيئرمين پي ٽي آءِ سينيٽر سيف الله ابڙو کي چيو ته اوهان به ميمبر آهيو اوهان ئي ترميم آڻيو جنهن تي سيف الله ابڙو چيو ته اسان صدر جي چونڊ بابت ترميم آڻينداسين

بقايا 12 ***
پهچي گرفتاري ڏئي ڇڏي، جوابدا ڏوهه جو پڻ اعتراف ڪيو ويو آهيڊلبر مهر پوليس واقعي جي 5 ڪلاڪن بعد پهچي مقتولن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ميرپورخاص اسپتال منتقل ڪيا

بقايا 13 ***
سان ٽڪرائجي ويو سجڻ مهيسر، درياءَ خان شيخ، فقير فاضل راهوجا ڳوٺ پاڻي جي گهيري ۾ اچي ويا، ڳوٺ تڳيل، موهل برادي، جتوئي، گل حسن منگيجو سميت مختلف ڳوٺن ۾ پاڻي داخل، قاضي احمد جو ڪچو به ٻڏي ويو. انب جوٽيجو ڪشور پور، عبدالڪريم ڀٽو ربنواز ڪلوئي، راضي جتوئي ۽ ٻيا ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويابوڏ جو پاڻي لاڪاٽ بچاءُ بند سان ٽڪرائجي ويو پاڻيءَ هيٺ آيل ڳوٺن جا رهواسي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل. ڪير ٿر تي طوفاني وسڪارن بعد ڪاڇي جون نيشون تاروتار ٿي ويون نئين گاج جي وهڪري سبب چني ـ جوهي روڊ جي پل جو هڪ پاسولڙهي ويو. جوهي سان چني، ٽنڊو رحيم خان، شاهه حسن يوسيز جو زميني رابطو مڪمل طور ڪٽجي ويو گذريل سال ٻوڏ بعد پل جي مرمتي ڪم ۾ ناقص متيريل استعمال ڪيو ويو نئين گاج جي وهڪري سبب بند ٿيل ڪاڇي جا رستا بحال نه ٿي سگهيا. حاجي خان روڊ ۽ جوهي چني روڊ هنتوگذرڻ باوجود بند پيل. ڪاڇي واسي سخت پريشانين جي منهن ڏيڻ لڳا. جوهي ـ واهي پانڌي روڊ کي جزوي طور بحال ڪيو ويو. رستا بند هجڻ ڪري ڪاڇي جي يوسي ڊرگهه بالا، چني ۽ ساروزو جي سوين ڳوٺن ۾ کاڌ خوراڪ شين جي ڪوٽ پيدا. ڳوٺاڻن طرفان فوري طور رستا بحال ڪري امدادي ٽيمون موڪلڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 14 ***
احسن اقبال، راڻا ثناالله چيني نائب وزيراعظم جو استقبال ڪيو
چيني وفد ۾ نائب وزيراعظم سان گڏ 4 وزير به شامل آهن. چيني نائب وزيراعظم جي باقاعده مصروفيت سڀاڻي شروع ٿيندي ۽ هو سڀاڻي وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪندو. چيني نائب وزيراعظم سي پيڪ جي 10 هين سالگرهه جي تقريب ۾ شرڪت ڪندو تقريب ۾ سي پيڪ منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني ڪمپنين کي ايوارڊ ڏنا ويندا.

بقايا 15 ***
پاڪستان، پاڪ فوج ۽ آرمي چيف خلاف سازش هئي. وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته 9 مئي جي سازش جو ماسٽر مائينڊ پي ٽي آءِ چيئرمين هو، جنهن ۾ عورتون، مرد، سياسي پارٽيون، ڪجهه سپاهي ۽ خاندان شامل هئا. وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو آهي ته 9 مئي جي سازش ڪندڙ فوج جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ڪوشش هئي. پاڪستان جي وزيراعظم اهو به چيو آهي ته 9 مئي جي سازش ڪندڙ پاڪستان ۾ انتشار ۽ گهرو ويڙهه چاهين ٿا.

بقايا 16 ***
امتياز احمد شيخ چيو ته گذشته سال جون برسات عوام تي تمام وڏي مصيبت آندي جنهن ۾ سنڌ اندر ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا تنهن باوجود سنڌ سرڪار هر ماڻهو وٽ پهتي ۽ انهن کي ريسڪيو ڪيو ويو ۽ کين کاڌو، راشن،

علاج جون سهولتون ڏنيون ويون. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لاڙڪاڻي ريليف ڪميٽي جو ڪيس انچارج مقرر ڪيو هو ۽ هن سائنس سڄي لاڙڪاڻي ڊويزن جا دورا ڪيا ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو هزارين روڊن تي ويٺل ماڻهن سان ملاقات ڪئي ۽ کين دلجاءِ ڏنائون. صوبائي وزير چيو ته ماڻهن جي هن مصيبت جي حل لاءِ چيئرمين ڪراچي کان جنيوا تائين ڪانفرنسون ڪرايون ۽ يو اين جي سيڪريٽري جنرل کي پاڪستان وٺي آيو ۽ عوام کي ريليف ڏيارڻ لاءِ وڏي رقم جو بندوبست ڪيو. هن چيو ته سنڌ اندر اڪيهه لک گهرن جي سروي ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ سنڌ حڪومت پاران صرف گهرن جي تعمير لاءِ ڇه سئو ارب مختص ڪيا آهن جن جي تعمير جو عمل شروع ٿي چڪو آهي. تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر چيو ته گذريل برساتن عوام جي اهنجن ۽ تڪليفن جو اکين ڏٺو گواهه آهي جنهن ۾ ٻارهه آگسٽ تائين چار سئو ڇتيهه ملي ميٽر برسات ٿي جنهن سبب شهرن ٽوڙي زرعي زمينن ۾ ٽي ڪان چار فوٽ پاڻي بيٺل هو. هڪ سئو ٽيرنهن ماڻهو فوت ٿيا ۽ هڪ لک ٽيونجاهه هزار ايڪڙ زرعي فصل تباهه ٿيو. چارلک ماڻهو متاثر ٿيا. هڪ سئو ايڪيتاليهه ريلف ڪيمپون قائم ڪيون جنهن ۾ اڻيهه هزار ماڻهو ترسايا. ان سڄي صورتحال ۾ بروقت ست هزار راشن بيگ، ڪيمپن ۾ کاڌو پهچايو. ضلعي مان پاڻي ڪڍرايو. فوتين ۽ زخمين کي معاوضو ڏنو ويو. ٻج ڀاڻ جي مد ۾ هارين ۾ رقم تقسيم ڪئي ۽ هاڻي گهرن جي تعمير لاءِ نوي هزار گهرن جي تعمير لاءِ سروي مڪمل ڪئي آهي ۽ اڄ گهرن جي مالڪاڻا حقن لاءِ پلاٽن جون سندون تقسيم ڪري رهيا آهيون. ۽ چوويهه هزار ماڻهن کي هن سال جي آخر تائين مالڪاڻا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا. تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شڪارپور ذوالفقار خان ڪماريو، پ پ پ اڳواڻ بابل خان ڀيو چيو ته اسان ڊسٽرڪٽ انتظاميه سان ملي ڪري عوام جي ڀرپور مدد ڪئي ۽ چيرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه شڪارپور جي عوام جي سارلڌي هزارين ٽينٽ ۽ راشن بيگ موڪليا ۽ اڄ شهيد راڻي جي خيال تحت عورتن کي گهر جو مالڪ بنائڻ لاءِ سندون جاري ڪرايون آهن تقريب کي خطاب ڪندي مقامي عورتن مهناز مهر، نسيم ڪوسو ۽ امان سڄاڻ چيو ته بلاول ڀٽو جا شڪر گذار آهيون جنهن اسان کي هي سندون ڏيئي گهر ڀرائي ڏيئي رهيو آهي. هن چيو ته پ پ حڪومت عورتن جي لاءِ وڏا ڪم ڪيا آهن انڪري آئينده اليڪشن ۾ هو ڀرپور جدوجهد ڪري چيرمين بلاول ڀٽو تقريب کي وزيراعظم چونڊرائينديون. تقريب کي سرسو سي اي او محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ خطاب ڪيو. تقريب جي آخر ۾ صوبائي وزير توانائي امتياز احمد شيخ، چيئرمين ضلع ڪائونسل ذوالفقار خان ڪماريو، پ پ پ اڳواڻ بابل خان ڀيو ٻيه ٻوڏ متاثرين عورتن ۽ مردن ۾ پلاٽن جو مالڪاڻيون سندون تقسيم ڪيون. مالڪاڻا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندڙن ۾ قائم خاتون، مهتاب خاتون، هادي بخش، صوفي محمد عثمان، عمران علي، سهيل احمد، خدا بخش، سونيا خاتون، شازيه خاتون، شبانه خاتون حڪيمه خاتون، حسينه خاتون، رخسانه خاتون مسمات ارشاد، مسمات بلقيس ۽ ٻيا شامل هئا

بقايا 17 ***
مڪمل ڪيو ويندو، ايندڙ 2 کان 3 مهينن تائين ادائيگين جا بندوبست ڪري رهيا آهيون. اسحاق ڊار چيو ته سعودي عرب، يو اي اي ۽ چين مڪمل مالي مدد ڪئي، پاڪستان سمورين پرڏيهي ادائيگيون وقت تي ڪيون آهن. ناڻي واري وزير چيو ته اسان جون چين کي 2.3 بلين ڊالر جي ادائيگي جون مهيني ۾ التوا هئي، پوءِ چين ان ادائيگي کي رول اوور ڪيو. چين کي فيبروري ۾ معلوم ٿيو هو ته پاڪستان سمورين گهرجون پوريون ڪري چڪو آهي. ان ڪري هن پنهنجي بئنڪن کي گرين سگنل ڏنو هن چيو ته دنيا چاهي ٿي ته پاڪستان ڊفالٽ ڪري ۽ تماشو بڻائي. اسان جا پرڏيهي متا سٽا جا ذخيرا 14 ارب ڊالرن تائين پهچڻ وارا آهن. اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ذخيرن کي 15 ارب ڊالرن تائين پهچايون. سينيٽ ۾ ن ليگ اڳواڻ چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته اڳوڻي وزير جي بيان سبب پي آءِ اي کي گرائونڊ ڪيو ويو. جنهن سبب اسان کي 71 ارب روپين جو نقصان ٿيو. اسحاق ڊار چيو ته آڪٽوبر تائين اسان جون برطانيا جون اڏامون بحال ٿي وينديون. ان لاءِ قانون سازي ضروري هئي جيڪا ڪئي وئي. سينيٽ اجلاس ۾ اسحاق ڊار اهو به چيو ته اسان جي هڪ ساٿي قرآن جي حرمت لاءِ گڏيل ٺهراءُ پيش ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. سخت قرارداد پيش ڪئي وڃي ته جيئن ردعمل سامهون اچي سگهي.

بقايا 18 ***
امدادي ڪارروائين ۾ مصروف آهن ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته هن وقت تائين 11 زخمين کي ملبي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 19 ***
آهي ته ڪچي ۾ آپريشن لاءِ آءِ جي سنڌ جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي وئي آهي، نوٽيفڪيشن موجب 14 رڪني ڪميٽي ڪچي ۾ آپريشن لاءِ جامع پلان جوڙيندي، نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ڪشمور، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ سکر ۾ ڌاڙيلن جي ڊاٽنجي جا تفصيل گڏ ڪيا ويندا. نوٽيفڪيشن موجب پوليس بيس ڪيمپ ٺاهڻ ۽ ڌاڙيلن جي نڪائڻ کي تباهه ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي ويندي. سنڌ جي خام علائقن ۾ مستقل امن لاءِ پلان پڻ پيش ڪيو ويندو. نوٽيفڪيشن موجب ڪميٽي ۾ ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جي آر ايف، لاڙڪاڻو ۽ سکر، ايس ايس پي ڪشمور ۽ گهوٽڪي به شامل آهن نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته حساس ادارن، رينجرز ۽ فوج جا نمائندا به ڪميٽي جو حصو هوندا. اها ڪميٽي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه جي هدايت تي جوڙي وئي آهي. جيڪا 6 ڏينهن ۾ ڪيس رپورٽ پڻ پيش ڪندي.

بقايا 20 ***
پوليس ڳوڙها گيس ۽ ربڙ جون گوليون هلائي رهي آهي. مظاهرين جو مطالبو آهي ته وزيراعظم حسينا واجد ايندڙ سال جنوري ۾ ٿيندڙ چونڊن کان اڳ استعيفيٰ ڏئي ۽ نگران حڪومت قائم ڪئي وڃي جيڪا چونڊ ڪرائي. گذريل ڏينهن جمعي تي به پرتشدد واقعن ۾ ڪيترائي اهلڪار ۽ ڪارڪن زخمي ٿيا هئا جن کي اسپتال داخل ڪيو ويو هو. پوليس سوين ڪارڪنن کي گرفتار به ڪيو آهي.

بقايا 21 ***
جي خطيجه کي پاڻي مان ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو. نينگري ۽ نينگري جو علاج هلندڙ آهي

بقايا 22 ***
طرفان جاچ ڪميٽي جي ٽرم آف ريفرنس ۾ به تبديلي نظر آئي آهي. اسلاميه يونيورسٽي بهاولپور جي شاگردن جون غيراخلاقي تصويرون ۽ منشيات استعمال ڪرڻ جو اسڪينڊل سامهون اچڻ کان پوءِ اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اطهر محبوب خلاف جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته بهاوالدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد علي کي فيڪٽ فائنڊنگ ڪميٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي ڪميٽي يونيورسٽي اسڪينڊل سان جڙيل سمورن ماڻهن جي هر پهلو کان جاچ ڪري رهي آهي يونيورسٽي جو چيف سيڪيورٽي آفيسر به منشيات هٿ اچڻ کان پوءِ هن وقت جيل ۾ آهي.

بقايا 23 ***
زخمي ٿي پياراجن پور ويجهو روڊ حادثي ۾ ياسرسومرو، شفيق عرف شفن سومرو، نينگر شجر سومرو ۽ عورت صفيه سومرو فوت ٿي ويا، عورتن سميت ڪيترائي زخمي ٿي پياڦوتين جا مڙهه ۽ زخمي مختلف اسپتالن ۾ منتقل ڪيا ويا، طبي امداد فراهم ڪئي وئي، فوتي ۽ زخمي ٺل جي سومرا محلي جا رهواسي آهن

بقايا 24 ***
سنڌ دشمني تي مبني آهي، سنڌ حڪومت هڪ دفعو ٻيهر ڪارونجهر جي نيلامي جو اشتهار جاري ڪري سنڌ جي عوام سان دوکو ڪيو آهي، ايس ٽي پي چيئرمين چيو ته سنڌ حڪومت وينڊي ويندي سنڌ جو ڪارونجهر ڪپائي پئسن سان پنهنجا گهر ڀرڻ چاهي ٿي، جيڪڏهن ڪارونجهر جي نيلامي وارو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته سنڌ جي گهٽي گهٽي ۾ سخت احتجاج ٿيندو ڪيو ويندو، ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجو وڊيو بيان جاري ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت پاران اعلانيل ڪارونجهر جي نيلامي خلاف ايس ٽي پي پاران نيلامي واري ڏينهن ڊي جي منرلس آفيس ڪراچي آڏو 4 آگسٽ کان هن حڪومت جي مدي خاتمي تائين ڌرڻو هنيو ويندو، ڪارونجهر جي نيلامي واري فيصلي کي سنڌي قوم پنهنجي سياسي جدوجهد سان واپس ڪرائيندي ايس ٽي پي چيئرمين چيو ته پ پ حڪومت ياد رکي جيڪڏهن هنن هي سنڌ دشمن فيصلو واپس نه ورتو ته سنڌن نمائندن جو چونڊن ۾ عوام بيضن ۽ ٽماٽن سان استقبال ڪندي.

بقايا 25 ***
مرجب ٽنڊو جهاز جمعي جي رات جبل واري علائقي ۾ ڪري تباهه ٿيو حادثي جو شڪار جهاز جا مسافر چرچ جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيا هئا. رپورٽن مطابق جهاز ۾ 1 پائلٽ ۽ 5 ڄڻا سوار هئا ۽ اڏام جي اڌ ڪلاڪ کانپوءِ جهاز سان رابطو ختم ٿي ويو پرڏيهي ميڊيا موجب حادثي واري هنڌ موسم خشڪ هئي، جڏهن ته واقعي جي جاچ پڻ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 26 ***
ڪئي ۽ جن ڀاءُ ۽ ڀاڻي کي قتل ڪيو انهن بابت جيو فرانزڪ رپورٽ سامهون آندي وڃيهن جو چوڻ هو ته پوليس 2019 واري ڳالهه تي ٻٽي هلي، ڀاءُ ۽ ڀاڻي کي ڪنهن قتل ڪيو ۽ ڪنهن قتل ڪرايو اهي سامهون آندا وڃن

بقايا 27 ***
تي سيلز ٽيڪس ادا نه ڪرڻ تي نوٽيس جاري ڪيو ويو. نوٽيس جو جواب ڏنو پر لاڳاپيل آفيسر درخواستگذار کي سيلز ٽيڪس جي ادائيگي جو ذميوار قرار ڏنو درخواستگذار چيو ته ڪليڪٽر ڪسٽمز سيلز ٽيڪس نومبر 2007ع ۾ اپيل رد ڪري ڇڏي هئي، ٽربيونل به فيبروري 2010ع ۾ اپيل رد ڪئي هئي، وارنٽي تحت تبديل ڪيل پارٽس لاءِ گراهڪ کان چارج ناهي ورتو ويندو. وارنٽي گاڏي جي قيمت ۾ هوندي آهي. شامل آهي لاهور هاءِ ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ خانگي ڪمپني جي درخواست تي قانوني نقطي تي فيصلو ٻڌايو ۽ خانگي ڪمپني جي درخواست منظور ڪري ورتي. لاهور هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو آهي ته وارنٽي ۾ پارٽس مٽائڻ تي ٽيڪس لاڳو ناهي. فيصلي

پوليس جو چوڻ آهي ته لينڊ سلائيڊنگ سبب امدادي ڪارروائين ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن قاتل سياحن ۽ ٻين کي ڪڍڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن جاري آهي.

بقايا 32 ***
جي روڪٿام جي بل کي ڊراپ ڪري ڇڏيو سينيٽ جي اجلاس ۾ بل مملڪتي وزير شهادت اعوان پيش ڪيو، جنهن تي سينيٽ چيئرمين راءِ طلب ڪئي ته ڇا بل کي لاڳاپيل ڪاميٽي ڏانهن موڪليو وڃي؟ جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيو ته هن بل ذريعي اوهان پنهنجا هٿ وڏي رهيا آهيو، هي بل سڀاڻي اسان سڀني لاءِ مصيبت بڻجندو، اهڙي قانونسازي نه ڪئي وڃي جنهن سان آئين جي ڀڃڪڙي ٿئي. نيشنل پارٽي جي طاهر بزنجو چيو ته نواز ليگ کان شڪايت آهي ته جيتري به

بقايا سنڌيار 01

چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور، جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ حاجي انور ڪرنائي، رواداري تحريڪ جي صدر پنهل ساريو، نواز شاهه پاڏائي، راول ڪرنائي، امجد شورو، نظير شيخ سميت ٻين قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ قومپرست اڳواڻ پارٽين ڪيل فيصلن جي روشني ۾ چيو ويو ته ڪارونجهر جبل نه فقط ٿر جي رهواسين جي زندگي سان لاڳاپيل ۽ اهم حيثيت رکندڙ آهي. پر ڪارونجهر جبل سڄي سنڌ جو تاريخي ثقافتي، مذهبي جاگرافيائي ڏند ڪٿائي ۽ فطري ورثو آهي. جنهن سان لکين سالن جي تاريخ جڙيل آهي، هنن چيو ته ڪارونجهر جبل چار لک ماڻهن جي پيٽ سميت ٻين ضرورتن جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي. جنهن کي نيلام ڪرڻ لاءِ 4 آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته اسان جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان ڪارونجهر جي نيلامي کي سنڌ جي نيلامي ٿا سمجهون. تنهن ڪري اهو اعلان ٿا ڪريون ته 4 آگسٽ تي ڊي جي مائنس ۽ منرلس جي آفيس ۾ جتي ڪارونجهر جي نيلامي جو واڪ ٿيندو، ان آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو. هنن سڄي سنڌ جي شعور کي پڻ اپيل ڪئي ته هو چوٿين آگسٽ تي ڊي جي آفيس اڳيان گڏ ٿي ڪارونجهر جي نيلامي کي روڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هنن ساڳئي ڏينهن تي جسقم طرفان ڪارونجهر جي نيلامي خلاف سڄي سنڌ ۾ اعلانيل مظاهرن جي سڏ جي حمايت ڪندي چيو ته قومي اسيمبلي ۾ جيڪي ٽڪرا ۽ هنگامي بل پاس ڪيا ويا آهن. جن ۾ 13 لک ايڪڙ سنڌ جي زمين دفاعي اداري کي ڏني ويئي آهي. جيڪا زمين مظلومن ماڻهن جي آهي، ان ڪانسواءِ ون ونڊو آپريشن جي نالي تي ٿيندڙ قانونسازي قومن جي تاريخي حقن ۽ خودمختياري تي راتاهو آهي. جنهن ڏوهه ۾ سمورين اتحادي ڌرين شامل آهن. هنن چيو ته جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي انهن بلن کي مڪمل طور رد ڪندي اعلان ٿي ڪري ته هر سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪندي. جنهن جا وارث سنڌي آهن. هنن چيو ته سنڌ ۾ مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي. جنهن سبب ماڻهن جي زندگين کي زهر بڻايو ويو آهي. انساني حقن جي لتاڙ جو اهم پاسو قومي ڪارڪنن سميت مختلف ماڻهن کي گم ڪرڻ، فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ آهي. هنن چيو ته 30 آگسٽ کي جبري گمشدگين خلاف عالمي ڏهاڙي طور ملهايو ويندو آهي. ان ڏهاڙي تي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين خلاف 30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا پڻ ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 02

جهندومري پوليس ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي ڏهاڙي ۽ روپوش جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي تفصيل موجب جهندومري جي ڊاسوڙي پوليس جهندومري جي علائقي الله ورهايو ميرجت ۾ ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي جهندومري جي ڳوٺ اسماعيل لنڊ جي رهواسي مهتاب لنڊ کي گرفتار ڪري ورتو ٻئي پاسي جهندومري پوليس صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جوابدار مهتاب لنڊ تي ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل آهي جهندومري جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس پڻ داخل آهن اڄ عدالت سگهوري ٽنڊوالهيار ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

محرابپور جي وارڊ نمبر 16 بلاول ڪالوني ۾ سهتا ۽ آرائين برادري ۾ جهيڙو سهتا برادري جو 8 سالن جو ٻچڙو سجاد علي سهتو پٽ اعجاز علي سهتو گولين لڳڻ سبب فوت جڏهن ته 10 سالن جو محمد علي سهتو سخت زخمي واقعي خلاف سهتا برادري جي سوين ماڻهن جو محرابپور ٿاڻي آڏو سخت احتجاجي مظاهرو جڏهن ته پوليس ۽ سهتا برادري ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ سهتا برادري جي سوين ماڻهن هالاڻي ڀرسان قومي شاهراهه تي لاش رکي ٽرئفڪ بند ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اعجاز سهتو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آرائين برادري جي ماڻهن يونس آرائين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اسان جي گهر ۾ اچي اسان جي معصوم ٻچڙي سجاد کي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي جڏهن ته محمد علي سهتو کي شديد زخمي ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو جيستائين قاتل گرفتار نه ٿيندا تيستائين اسان جو قومي شاهراهه تي ڌرڻو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 04

پوري ملڪ جيان نوشهروفيروز ۾ به عاشور جو ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ مرڪزي جلوس امام بارگاهه سيد حاجن شاهه کان شروع ٿيو جيڪو مرڪزي امام بارگاهه باب حيدر تي پهتو جتي مومنين پاران نوحه خواني ڪئي ويئي ۽ زنجيرن سان ماتم ڪيو ويو، جنهن ۾ سوين عزادار زخمي ٿي پيا جن کي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاڻ پنهنجي ٽيم ساب گڏ زخمي عزادارن جي مرهم پٽي ڪندو رهيو سنڌس ميڊيڪل ٽيم ۾ سينئر ڊاڪٽر محمد عمران ۽ ڊاڪٽر عمير ميمڻ اعجاز ممنائي عبدالوحيد ميمڻ، حنيف جلباڻي، غلام مرتضيٰ ڀرهيو، شفاقت وسطڙو، غلام مرتضيٰ پنهور ۽ ٻيا شامل هئا جيڪي ٻن ايمبولنس سان گڏ سڄو ڏينهن ڊيوٽي ڪندا رهيا جڏهن ته مومنين پاران علم عباس، تابوت امام حسين عليه السلام، شهزادي قاسم جي سيج، شهزادي علي اصغر جو جهولو ۽ ٻيون شبيهون ڪڍيون ويون ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ڪندا رهيا مرڪزي ماتمي قافلي ۾ مختلف علائقن جي 50 کان مٿي قافلن شرڪت ڪئي جڏهن ته ماتمي جلوس دوران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا ۽ جلوس رواري روٽ تي نياز ۽ سبيلن جو اهتمام ڪيو ويو اهڙي طرح ماتمي جلوس سمورن روٽن کان ٿيندو رات جي تقريبن 12 وڳي باب حيدر [illegible]

بقايا سنڌيار 05

[illegible]

بقايا سنڌيار 06

[illegible]

احتجاج ڪندي ٻڌايو ته هن وقت ايل بي او ڊي سر نالي ۽ پراڻ ڍورڻ ۾ پاڻي جو وڏو چاڙهه آهي ۽ ڪمزور ڪپر ۽ ناهيل دروازا ڪنهن وقت به ٽٽي لڙهي سگهن ٿا جنهن ڪري جهڏو پنگريو شادي لارج لنواري شريف ڪڍڻ سميت ڪيترائي علائقا خطري هيٺ آهن سنڌ حڪومت اعلانيل 7 ارب مان چند ڪروڙن جو نالي ماتر ڪم ڪرائي رقم هڙپ ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪري بدين وڏي تباهي جي منهن ۾ اچي رهيو آهي جنهن کان بچائڻ لاءِ فورن قدم کڻي سر نالن تي ضرور حفاظتي ڪم ڪرائي ڪپرن کي اوچو ۽ مضبوط بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ ٿيندڙ تباهي جي ذميواري وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ پي پي قيادت جي مٿان هوندي

بقايا سنڌيار 07

امداد فراهم ڪرڻ جي لاءِ فرسٽ ايڊ ڪيمپ لڳائي وئي ايڊيشنل ڪنٽرولر اميرالدين عباسي ۽ ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان جي نگراني ۾ ڪيمپ منعقد ڪئي وئي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ اسپتال جي ڊاڪٽر ڪيلاش سميت 15 پيرا ميڊيڪل اسٽاف سميت 30 کان وڌيڪ رضاڪارن خدمتون سرانجام ڏنيون. 72 عزادارن کي فرسٽ ايڊ ڏني وئي، سول ڊفينس سکر جي گروپ وارڊن محمد احمد شيخ، ڊپٽي گروپ وارڊن الطاف احمد قريشي پوسٽ وارڊن آغا اڪرم دراني، حاجي رياض ڪوڪر، آصف خان، آصف شيخ، عدنان شيخ، اشفاق ميتلو، محمد ادريس ڪوسو شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون، ان موقعي تي ڊپٽي چيف وارڊن ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته سول ڊفينس جا رضاڪار الله جي رضا لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. ملڪي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اڄ هر شخص کي سول ڊفينس جي تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي، وطن عزيز پاڪستان جي خدمت جو بهترين پليٽ فارم سول ڊفينس آهي. سول ڊفينس جي قانون تحت انحصاري جي اصول تي ٻڌل آهي سول ڊفينس کي مضبوط ڪرڻ جديد دور ۾ وقت جي ضرورت آهي. سول ڊفينس جي تربيت حاصل ڪرڻ هر پاڪستاني جو قومي فرض آهي، روزاني حادثن، قدرتي آفتن يا انساني پيدا ٿيندڙ آفتن بابت تربيت حاصل ڪرڻ هر پاڪستاني جو فرض آهي، ته جيئن هو ان آفت کي بروقت منهن ڏئي سگهن. اڄ ته سول ڊفينس ۾ شامل ٿي خدمت ڪريون. جيڪو پڻ عبادت آهي. ڊپٽي ڪمشنر سکر جي ڪوآرڊينيٽر سمندر پٽو، ايڊيشنل ڊي ايچ او ڊاڪٽر جاويد شيخ پڻ ڪيمپ جو دورو ڪيو

بقايا سنڌيار 08

موٽسار ڌمڪيون ڏيڻ ڪيس خراسان ڪيو پيو وڃي، اهڙي عمل بعد درگاهه جي عقيدتمند ۽ زائرين ۾ سخت ڪاوڙ جي لهر ڇانيل آهي. جن اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ضلعي انتظاميه فورن ان عمل جو نوٽيس وٺي درگاهه تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪري درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو سنڌس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ به ڪافي ڀيرا درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو تي قاتلاڻا حملا ٿي چڪا آهن. هنن چيو ته اسان سمجهون ٿا ته درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو ۽ سنڌس پٽ کي ڌمڪيون ڏيڻ جو اصل مقصد هنن کي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي درگاهه تان هٽائي پاڻ قابض ٿيڻ چاهين ٿا. جيڪو عمل هرگز برداشت نه ڪيو ويندو، هنن اعلي اختيارين کي ان معاملي جو سنجيدگي سان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي درگاهه جي خدمتگار کي تحفظ مهيا ڪري ڪيس بلاجواز پريشان ڪري موٽسار ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪاروائي ڪري درگاهه جو تقدس بحال رکڻ جي پڻ گهر ڪئي آهي، جيئن زائرين ۽ عقيدتمندن ۾ ڦهليل بيچيني دور ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 09

اسلام ڪوٽ ۾ باءِ پاس تي ڪلنڊڙ امڪاني شراب جي گتي ۽ منشيات جي وڪري خلاف شهرين هڙتال، ريلي، ڌرڻو. خبرموجب: اسلام ڪوٽ شهر ۾ باءِ پاس روڊ تي آبادين ويجهو ڪلنڊڙ امڪاني شراب جي گتي خلاف مذهبي جماعتن، هندو برادري جي اڳواڻن ۽ شهرين جي سڏ تي شٽرڊائون هڙتال ڪئي وئي، انهي سلسلي ۾ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن مولانا تاج محمد سومرو، عبدالخالق جوڻيجو، سابق ناظر گهنشام داس پاراڻي، مولوي عبدالغني ميمڻ، حافظ لياقت علي بجير، عبدالغني بجير، سميت ٻين جي اڳواڻي ۾ ٻين پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جيڪا ريلي مختلف روڊن کان ٿيندي ٿانون موڙ تي پهتي. جتي احتجاج ڪندي ڌرڻو هنيو ويو ۽ امڪاني ڪلنڊڙ شراب جي گتي ۽ شهر ۾ منشيات جي سرعام وڪري خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. انهي موقعي تي اڳواڻن مير محمد بليدي، عزيز الله ساند، مولانا عبدالخالق جوڻيجو، عبدالغني ميمڻ، اسماعيل سميجو، شاهنواز خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پرامن شهر کي مڪمل طور تي منشيات جو اڏو بڻائڻ لاءِ پيو شراب جو گتو کولڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جيڪا سازش اسان ناڪام بڻائينداسين هي سازشي حڪمران سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ سان گڏ نوجوان نسل کي مڪمل طور تي نشي جو عادي بڻائي ختم ڪرڻ چاهين ٿا. هن ضلعي جي ڊي سي ۽ ايس ايس پي کي سوچڻ گهرجي ۽ اسلام ڪوٽ ۾ تعليمي ادارا کولڻ بدران بيحيائي جا اڏا کولي رهيا آهن، پنهنجي ذميوار آفيسرن کي عوامي راءِ جو احترام ڪرڻ گهرجي. [illegible]

بقايا سنڌيار 10

[illegible]

بقايا سنڌيار 11

[illegible]

مظاهرين جو چوڻ هو ته هر پيري برسات ڪانپوءِ وسيور محلا، بکر چوڪ ۽ ٻين علائقن ۾ 3 کان 4 فوٽ پاڻي جمع ٿي ٿو ۽ سکر جو ميئر ارسلان اسلام شيخ پراڻو سکر واسين کي ٺڳيندو رهيو، چٽو ٿو ڄاڻو ته سکر ۾ هڪ ڪلاڪ جي برسات جو پاڻي 2 ڏينهن گذرڻ باوجود نيڪال ناهي ٿي سگهيو سکر مان پ پ جا چونڊيل نمائندا رڳو ڪرپشن ۾ رڌل آهن عوام کي سهولتون ڏيڻ بجاءِ الزام مڙهيا پيا وڃن جيڪو عمل انتهائي مذمت جوڳو آهي پراڻي سکر جي عوام پ پ کي اميدوارن کي ووٽ ڏئي [illegible] فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 12

ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر نذير احمد رند جو موڪل واري ڏينهن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو سان گڏ سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اوچتو دورو ڪري اسٽاف جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ صفائي سترائي ۽ مريضن کي ملندڙ سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪيو جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته سول اسپتال جا بهتر انتظامات ڏسي خوشي ٿي آهي هن چيو ته مريضن کي اڳي کان وڌيڪ سهولتون ملي رهيون آهن جنهن ۾ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جون ذاتي ڪوششون پڻ شامل آهن ۽ ٽيم ورڪ نمايان نظر اچي ٿو جنهنڪري اسپتال جي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ٿي رهيو آهي ۽ غريب عوام کي بنيادي سهولتون ملي رهيون آهن ان موقعي تي پيراميڊيڪس اڳواڻ اعجاز ممنائي، محمد سعيد برهيو، هدايت الله سولنگي ۽ اشرف قريشي پڻ ساڻس موجود هئا

بقايا سنڌيار 13

، ايس ايس پي سکر کان معاملي جو نوٽيس وٺي نوجوانن جو مستقبل بچائڻ جو مطالبو تفصيل موجب ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي حڪمن کي حد ٿاڻن هر آڏاري ڇاپو آهي شهر جي مختلف علائقن ڊڪ روڊ، سبزي منڊي، روهڙي، آباد، پراڻو سکر، بشير آباد ڪالوني، بيراج ڪالوني، نيو پنڊ، نصرت ڪالوني، افغان سينٽر، ڪجور مارڪيٽ سميت اڪثر علائقن ۾ آڪرا پرچي جي بڪينگ وارو سلسلو تيزي سان جاري آهي ان حوالي سان سکر جي سماجي، مذهبي تنظيمن، سول سوسائٽي جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي سکر پوليس کي واضح حڪم ڏنل آهي ته سماجي برائين ۽ ملوث عناصرن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو ۽ هر حد ٿاڻن جا پوليس آفيسر ۽ اهلڪار سماجي برائين کي وڌائڻ ۾ مصروف عمل آهن هنن چيو ته سکر شهر ۾ ڪلي عام آڪرا پرچي جو ڪاروبار هلي رهيو آهي عوامي شڪايتن باوجود پوليس خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي باخبر ذريعن موجب مهيني ۾ 2 ڀيرا آڪرا پرچي جو جا جي رات ملهائي ويندي آهي جنهن جي چند رات جو اولو ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ان رات جي حوالي سان وڏي پيماني تي غيرقانوني طريقي سان پراڻيباتو ۽ وڏي تعداد ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن جنهن سبب نوجوان نسل تباهي ڪناري پهچي رهي آهي ۽ نوجوانن جو مستقبل تاريڪي طرف وڌي رهيو آهي، هنن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ کان مطالبو ڪيو آهي ته آءِ سيڪشن ٿاڻي جي حد ڊڪ روڊ، افغان سينٽر سميت ٻين اسٽيڊار ٿاڻن جي حدن مان آڪرا پرچي جا اڏا بند ڪرائي نوجوانن جو مستقبل بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 14

عرف دلشاد ڊاپو ڏاڙي جي ٻارن سان گڏ ٻڪرا پڙي وٽ دريا ۾ وهنجڻ دوران ٻڏي ويو جنهن جو اطلاع ملندئي ٻڏل ويل ٻارڙي جا وارث ۽ ڳوٺاڻا واقعي واري هنڌ پهتا ۽ ڳوٺاڻن ۽ مقامي ترون جي مدد سان ڪري ڪلاڪ بعد ٻڏي ويل ٻارڙي جو لاش هٿ ڪري ٻارڙي جو لاش پاڻي ڪڍي تعلقه اسپتال روهڙي آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران ٻار جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي، فوتي ٻارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ گهر مچي ويو.

بقايا سنڌيار 15

، وس وارن کي مدد جي اپيل. تفصيل موجب نئي شهر جي وارڊ نمبر 2 امري اسٽاپ ڀرسان ميربحر محلي جي رهواسي پورهيت علي محمد عرف لالا ڪرناٽي جو پڪو گهر تازو طوفاني ٻيل برسات ۾ زبون حال ٻڌجڻ بعد ڪالهه 10 محرم الحرام جي ڏهاڙي تي اوچتو ڌماڪي سان ڪري پٽ پئجي ويو آهي. جڏهن ته گهر ڀاتي معجزاتي طور بچي ويا آهن. متاثر گهر ڀاتي هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو بڌجي ڪنهن مدد جا منتظر آهن. پر اڃان تائين سنڌن ڪنهن به سار ناهي لڌي. متاثر گهر ڀاتي پورهيت علي محمد عرف لالا ڪرناٽي ٻڌايو ته تازو پيل تيز برسات سنڌس گهر کي ڪافي نقصان پهچايو هو. جيڪو ڪالهه اوچتو ڌماڪي سان ڪري ڍهي پٽ پئجي ويو آهي. پر مون وٽ ايترا پئسا ناهن جو گهر ٻيهر تعمير ڪرائي سگهان. گهر ڍهي پٽ پوڻ ڪري ٻارڙا هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گار بڻيل آهن. سنڌن اڃان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي. مٿان برساتون لڳيون پيون آهن. پنهنجي ٻچن کي برسات کان بچائڻ لاءِ مون وٽ ڪوءِ اجهو ناهي رهيو. هن ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سنڌس مدد ڪئي وڃي. جيئن گهر ٻيهر تعمير ڪرائي ٻچن کي برساتن سميت سردي توڙي گرمي کان بچائي سگهان.

بقايا سنڌيار 16

پاس هيرلوءِ تي اسپيشر پارٽس مارڪيٽ ۾ دوڪان جا تالا ٽوڙي چوري جي ڪوشش چوڪيدار جي هوشيار ٿيڻ تي هٿيار ڇڏي آنڊل لوڙ تي فرار حاجي محمد طاهر قريشي جي دوڪان تي لڳل تالن کي ٽوڙي جڏهن سامان ڪڍڻ جي ڪوشش تي چوڪيدار جي مداخلت تي سنڌس جي مٿان هٿيار تاڻي گڏ آنڊل لوڙ تي هيرلوءِ طرف روانا ٿي فرار ٿي ويا پوري مارڪيٽ ۾ بيچيني ڦهليل آهي S.H.O هيرلوءِ ڪجهه واهر ڪري ته جيئن هيرلوءِ مارڪيٽ مان چورين جو خاتمون ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 17

سلطانپور ۾ پوري ملڪ جيان يوم عاشور جو ڏهاڙو مذهبي جوش ۽ عقيدت سان ملهايو ويو ڪربلا جو واقعو حق ۽ باطل ۾ فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ لازوال قرباني جي داستان آهي. تاريخ اڄ تائين اهڙي قرباني جو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي. حجته السلام والمسلمن نعيم حسين قمي، ذاڪر اهلبيت رسول بخش جوڻيجو سلطانپور ۾ پوري ملڪ جيان يوم عاشورا ڏهين محرم الحرام جي حوالي سان ماتمي جلوس برآمد سلطانپور ۽ پرپاسي جي مخلتف هنڌن تي مجلس عزا منعقد ڪيون ويو خبر موجب سلطانپور ۾ ڏهه محرم الحرام جي حوالي سان ماتمي جلوسن برآمد ڪيو ويو مخلتف هنڌن تي مجلس عزا منعقد ڪيون ويون جڏهن ته مرڪزي جلوس رستم انڊڙ کان برامد ڪيو ويو جيڪو پنهنجي روايتي رستن رسمن طريقن سان مختلف علائقن روڊن ۽ رستن تي روان دوان رهيو ، ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ علائقي جي مختلف پڙن ۽ امام بارگاهن ۾ مجلسن ۽ عزادارين جو سلسلو جاري رهيو . هر طرف يا حسين ياحسين جون صدائون بلند رهيون ۽ جڳهه جڳهه تي مومنن جي لاءِ سبيلن ۽ نياز امام حسين عليه السلام جو به اهتمام ڪيو ويو ،ڳوٺ رستم انڊڙ کان ماتمي جلوس برآمد ٿيو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ عزادارن شرڪت ڪئي . ماتمي جلوس شهر جي مختلف رستن کان ٿيندو امام بارگاهه الحسيني پهتو جتي مجلس عزا منعقد ٿي. جنهن کي حجته الا سلام نعيم حسين قمي ، حسيني رسول بخش جوڻيجو خطاب ڪندي ڪربلا جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي ،وقت جي امام جي حمايت ڪرڻ فقط الله تعالى سان محبت ۽ خلوص خاطر هو ڪربلا جا شهيد ڪربلا جي رڻ پٽ ۾ پهچڻ تائين پنهنجي ايثار ۽ قربانيءَ جو اعلى نمونو ڏيکاري چڪا هئا جو پنهنجي جان ،مال،اولاد ،وطن کي ڇڏي ڏنائون ليڪن پنهنجي امام جو ساٿ نه ڇڏيائون ليڪن . تاريخ اڄ تائين اهڙي قرباني جو مثال پيش نه ڪري سگهي آهي. يزيد هزارن جي فوج وٺي امام حسين عليه السلام سان جنگ جو اعلان ڪيس ڪوفي جي مڪمل ناڪابندي هئي. فوج تي فوج ايندي رهي. فرات نهر تي به

[illegible]

بقايا سنڌيار 18

[illegible]

بقايا سنڌيار 19

[illegible]

بقايا سنڌيار 20

[illegible]

بقايا سنڌيار 21

[illegible]

بقايا سنڌيار 22

[illegible] ڪوارٽر نه ڏنو ويو آهي. يونين اڳواڻن جي چوڻ تي ايس ڊي او آفيس پويان ويٺا آهيون، اتي به تنڊا ملازم سرويئر عبدالستار ٻبر، اي سي جو نائڪ بشير احمد سولنگي، چوڪيدار اسلم ٿهيم، بيلدار محمد خان پٺاڻي، ديدار چانڊيو، ڪلارڪ نصرالله مون عورت جي پلين پئجي ويا آهن هتان لڏائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪري رهيا آهن. آفيسرن سان ملڻ نه ٿا ڏين، جنسي حراسان ڪن پيا. موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اسان جون حياتيون خطري ۾ آهن. هنن ايريگيشن کاتي جي سيڪريٽري، صوبائي منسٽر، چيف انجنيئر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي پنهنجي ٻچڙن جي لاءِ ڪوارٽر يا پلاٽ قانون تحت ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 23

اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مبشر جاگيراڻي، آصف پرٽ، ڪامريڊ اڪبر، سميع پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي وجاهت جاگيراڻي، مازن، رضوان سنڌي شاگرد سٿ ڪراچي يونيورسٽي جي شاهد حسين شر، عامر صوبيدار، ستار مغيري پروگريسو اسٽوڊنٽس ڪليڪٽو جي ورڻ پيرزادو، جسونت، سياف طرفان عرض لهر سميت ٻين شاگردن شرڪت ڪئي شاگرد تنظيمن جي اڳواڻن دائود يونيورسٽي مان شاگردن جي جبري داخلا خارج ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي انهيءَ فيصلي کي بي بنياد قرار ڏئي تعليم دشمن وائيس چانسلر دائود يونيورسٽي ڊاڪٽر ثمرين عاصمر جي فوري نيڪالي ۽ شاگردن جي داخلا بحالي جو مطالبو ڪيو آهي ان موقعي تي شاگرد اڳواڻن دائود يونيورسٽي جي شاگردن جي داخلا بحالي تائين منظر تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي چيو ته سياڻي کان دائود يونيورسٽي جي شاگردن جا امتحان شروع آهن. ڪين امتحان ۾ نه ويهڻ ڏنو ويو ته سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪبو ۽ يونيورسٽي آڏو ڌرڻو پڻ هنيو ويندو هنن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به ڌر کي تعليم دشمن وي سي جو ساٿاري ٿيڻ نه ڏينداسين. شاگردن کي ڪجهه به ٿيو ته انهيءَ جا ذميوار وائيس چانسلر ڊاڪٽر ثمرين عاصمر، پرو وائيس چانسلر وحيد پٽو، رجسٽرار آصف علي شاهه، سڪندر عباسي هوندا هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شاگردن جي والدين جي تذليل ناقابل برداشت عمل آهي. ڊاڪٽر ثمرين عاصمر، وحيد پٽو، آصف علي شاهه کي ٻڌايون ٿا ته يونيورسٽي ترهانجي جاگير نه بلڪ شاگردن جو بيو گهر آهي پرامن احتجاجن کي نظر انداز نه ڪيو وڃي دائود يونيورسٽي جي شاگردن سان هر محاذ تي گڏ آهيون. ڪين ڪنهن به صورت اڪيلو نٿو ڇڏي سگهجي. بي بنياد affidavit سميت هر انتظامي فيصلن کي عدالتن کان روڊن رستن تائين کٽي هلنداسين. وائيس چانسلر ڊاڪٽر ثمرين پنهنجا حواس وڃائي ويٺي آهي هوءَ ويرڪي پئي سنڌس اداري مان برطرفي تائين جدوجهد جاري رهندي هي مسئلو شاگردن ۽ انتظاميا جي وچ آهي فورسز جي مداخلت قطعي برداشت نه ٿيندي، شاگردن کي تعليم کان محروم ڪرڻ جو حق ڪنهن کي به ڪون ڏنو ويندو، پيڙهيل طبقي سان وابسته شاگردن کي اسڪالرشپ سميت رليف ڏيڻ بدران ادارن مان ڪڍيو پيو وڃي، حڪمرانن انساني قدرن کان وانجهيل، پنهنجي پسنديده ماڻهن کي ادارن جي اعلي عهدن تي ويهاري ڇڏيو آهي. سنڌ جا تعليمي ادارا تباهه حال آهن. جمهوريت جو راڳ آلاپيندڙ پي پي سرڪار توڙي وفاقي سرڪار ادارن کي مڪمل نظر انداز ڪري تعليمي ادارن کي ڪريٽ ٽولن حوالي ڪري ڇڏيو آهي هائير ايجوڪيشن ڪميشن سالن کان اگهور ننڊ ستل آهي جنهن جو وجود ئي نظر ڪون پيو اچي.

بقايا سنڌيار 24

۽ ٻين چيو ته اسان جي زمين تي بااثر ماڻهن محمد مراد دشتي، شاهمراد دشتي، شاهه علي دشتي، دلمراد دشتي، شهزادو دشتي ۽ ٻيا قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جيڪا اسان سان ناانصافي آهي ۽ هنن اسان جي مٿان ڪنيڙا ٿاڻي تي ايف آءِ آر به ڪرايا آهن. اسان جي گهر ۾ پوليس چڙهاعي ڪري 9 مينهون، 8 ڳئون 7 ٻڪريون ڪاهي ويو، 2 سولر پليٽون به کڻي ويو احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته اسين مال واپس ڪراڻ لاءِ ۽ پوليس کي چيو ته ڪنيڙا ٿاڻي جو وڏو منشي غلام محمد لغاري ۽ غلام عباس بوهڙ 150000 ڏيڍ لک روپيه رشوت گهري رهيا آهن. هنن آءِ جي سنڌ، وزيراعلي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان گهر ڪندي چيو ته اسان جي زمين تي قبضو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتاري ڪري ۽ اسان جي مال واپس ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ته ٻي صورت ۾ ٻارن سميت ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 25

گهر ۾ پيل هڪ تولي کان وڌيڪ سونا زيور، ويهه هزار روڪ رقم، ايل سي ڊي، بيٽري ۽ سولر سميت گهر جو قيمتي سامان چوري ڪري ويا آهن جنهن جي ماليت لکين رپيا آهي سخا موريجو موجب پنج هٽي چوڪي جو انچارج ممتاز علي شيخ نااهل آهي فرياد ڪرڻ باوجود پوليس ڪو تدارڪ ناهي ڪيو، هن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي نا اهل پنج هٽي چوڪي انچارج ممتاز شيخ کي هٽائي ايماندار پوليس عملدار مقرر ڪري واقعي جا جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 26

سبب پٽين جي پاڙن ۾ سوراخ پئجي ويا. قديم ڪمرن جي فرشبندي لاءِ تيار ڪرايل ڪچيون سرون به مٽيءَ جا ڍير بڻجي ويون. لکين روپين جو نقصان. برساتن کان بچاءَ لاءِ جوڳا قدم کنيا آهن. آثارن کي گهڻو نقصان نه رسيو آهي ڊائريڪٽر موهن جو دڙو شاڪر علي شاهه. رپورٽ موجب سنڌ جي قديم تهذيبي ۽ ثقافتي ماڳ موهن جو دڙو جي آثارن کي تيز برساتن سبب شديد نقصان پهتو آهي. ان ڏس ۾ ايس ڊي ايريا ۾ اسٽوپا ۽ گريٽ باٿ ڀرسان قديم ڪمرن ۾ برساتي پاڻي جمع ٿيڻ سبب ڪمرا تلاءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن. جڏهن ته ڊي ڪي ايريا ايڇ آر ايريا ۾ قديم ڪمرن اندر پاڻي بيهڻ سان گڏ ڪيترن هنڌن تي پٽين جي پاڙن ۾ گهارا پئجي ويا آهن. جنهن ڪري قديم ۽ اوائلي پٽين کي نقصان پهتو آهي. هوڏانهن موهن جو دڙو انتظاميه طرفان اسٽوپا بجاءِ ڏنل پلاسٽڪ شيٽ تيز هوا سبب ڦاٽي پئي. جنهن ڪري اسٽوپا جي ڪچي پٽ کي برسات سبب نقصان پهتو آهي. هوڏانهن موهن جو دڙو انتظاميا پاران قديم ڪمرن ۾ ڪچين سرن جي فرشبندي ڪرڻ لاءِ وڏي انگ ۾ ڪچيون سرون تيار ڪرايون ويون جيڪي استعمال نه ٿيڻ ۽ کليل آسمان هيٺ هجڻ تي تيز طوفاني برسات ۾ ڳري ڀُري مٽي جا ڍير بڻجي ويون آهن. جنهن ڪري ماڳ کي فائدي بجاءِ لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي. هوڏانهن چيو وڃي ٿو ته هنگامي ڪم ڪار لاءِ رکيل ڪانٽريڪٽ تي رکيل ملازمن کي به فارغ ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري ماڳ ۾ برسات جي نقصان جي بحالي واري ڪم ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي هوڏانهن ڊائريڪٽر موهن جو دڙو شاڪر علي شاهه جو چوڻ آهي ته موهن جو دڙو کي بچائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا ويا آهن قديم ماڳ جي آثارن مان پاڻي نيڪال ڪرائي ڇڏيو آهي آثارن کي گهڻو نقصان نه رسيو آهي چيو ته برسات قدرتي آهي ان جي بچاءَ لاءِ هن قديم آثان ۾ ڊرينيج جو نظام درست ڪيو آهي. جنهن ڪري آثارن ۾ گهٽ نقصان ٿيو آهي ۽ بحالي جو ڪم به جاري آهي. جڏهن ته تيار ڪرايل سرن مان ڪجهه سرون شفٽ ڪرائي ڇڏيون آهن ڪجهه جي مٿان پلاسٽڪ جو ڪور ڏياري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به ملازم کي فارغ نه ڪيو ويو آهي باقي فنڊ نه هجڻ ڪري مرمتي ڪم بند هئڻ سبب ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدورن کي في الحال ڪم ڪرڻ کان جواب ڏنو آهي جيئن ئي ڪم هلندو ته ٻيهر ڪائن ڏهاڙي تي ڪم ورتو ويندو

بقايا سنڌيار 27

جنهن جي افتتاح لاءِ اقليتي وزير گيانچند ايسراڻي ۽ راهول جيوڻ رامايپر منتر ڇيلهار پهتا جتي ٽائون چيئرمين بهاري راٺوڙ ۽ شهر جي معززين مهراج راٺومل چانگاڻي اندر اوجها نول راٺوڙ بابو ڪوناري ۽ ٻين هار پارائي استقبال ڪيو بعد ۾ صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي راهول جيوڻ ۽ ٻين مندر ۾ وڃي پوڄا ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ نهيل هال جو افتتاح ڪيو تڏهن شهرواسين چيو ته اجا تائين نهيل هال جو ڪم اڌورو آهي ان وقت گيانچند ايسراڻي لاڳاپيل ماڻهن کان پڇاڻو ڪيو ته لاڳاپيل ماڻهن چيو ته اجا تائين رنگ سميت ڪجهه ٻيو ڪم برساتن جي ڪري نه ٿي سگهيو آهي اهو رهيل ڪم ترت ڪمپليٽ ڪيو ويندو ان موقعي تي ٽرپال مولائي راجيش چانگاڻي پنڊت مٽن چانگاڻي صحافي شنڪر باغي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 28

ٿر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي وڌندڙ واقعن جا سبب ۽ حل جي سري هيٺ ٿر ايڪشن فورم طرفان مٺي ۾ ڪانفرنس ڪرائي وئي. ڪانفرنس کي افتتاحي خطاب ڪندي ڪنوينر ٿر ايڪشن فورم ۽ پ پ پ جي انفارميشن سيڪريٽري ٿرپارڪر ڪامريڊ نندلال مالهي چيو ته ٿر واسين جو ڪنوڻ لاءِ هڪڙو اتساهه هوندو هو. پر ڪنوڻ هاڻي خوف جي علامت بڻجي وئي آهي. ٿر جي ماڻهن جي اميد ۽ آسرو ڪنوڻ سان لاڳاپيل هو ڪنوڻ برسات جي سنيهو کڻي ايندي هئي ۽ ٿر جا ماڻهو انهي جي آجيان ڪندا هئا. گذريل ڪجهه سالن ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ واڌ آئي آهي، جنهن جي ڪري جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي، انهي وڌندڙ واقعن تي اسٽڊي ٿيڻ گهرجي. هي مسئلو ٿر جي معيشيت ۽ جياپي جو مسئلو آهي، انهي کي سنجيدگي سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته عام تاثر جڙيو آهي ته ٿر ڪول منصوبي جي ڪوٽائي، پاور پلانٽ لڳڻ، عالمي طور تي ماحولياتي تبديلين جا سبب به ٿي سگهن ٿا، جيڪي جامع اسٽڊي ذريعي ئي سامهون اچي سگهن ٿا. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ٿر جا ٿي نالياري بجلي ماهر انجنيئر ولي محمد راهمون چيو ته بجلي جي پيداوار انهي جا نقصان ۽ اهميت سڀ سلهاڙيل آهن. فائدا ۽ نقصان گڏ هلندا آهن. بجلي جي پيداوار جا 6 طريقي ڪار آهن. جنهن مان اليڪٽرو ميگنيٽڪ، اليڪٽرو ڪيميڪل، سولر سيل، ٿرميڪل، پريشر، اليڪٽرو اسٽيٽڪ آهن. جن مان اليڪٽرو اسٽيٽڪ جيڪو ڪنوڻ ڪرڻ جو اهم سبب آهي. جيڪو رڳڙ ذريعي پيدا ٿئي ٿو. برف ۽ پاڻي جا ماليڪيول پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿا. نيگيٽو ۽ پازيٽو چارجز رڳڙ سائيڪل سبب بجلي ڪري ٿي. ڪي به چارجز گهڻا ٿيندا آهن ته انهي کي پنهنجا چارجز خارج ڪرڻا پوندا، باقي سمورين ڏنڊ ڪٿائون آهن. واڌو ۽ ڪاٽو چارجز اليڪٽرسٽي ايڪٽ 1910 سان تعلق رکن ٿا. اليڪٽرسٽي رولز، ٽيپرا ايڪٽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول ايڪٽ جي اندر 34 سيڪشن، 72 رول مطابق ڪنوڻ کان بچاءَ ڪيئن ٿيندا، انهي ۾ واضع آهي ته ڪنوڻ کي اريسٽ ڪري سگهجي ٿو سيڪشن 34 مطابق ارٿ کي هر ڪوئي استعمال ڪري سگهي ٿو. پر بنا اجازت ڪنهن به پاور پلانٽ کي ارٿ لڳائڻ جي اجازت ناهي مليل. هن چيو ته دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آمريڪا ۾ بجلي ڪرڻ جا واقعا پيش اچن ٿا، دنيا ۾ ڪٿي به لائيٽننگ اريسٽر لڳائڻ لاءِ اجازت نامون گهربل ناهي. هن چيو ته ٿر جي ڳوٺن ۽ آبادي جي حساب سان هڪ ارب کان گهٽ ماليت جي خرچ سان لائيٽننگ اريسٽر لڳڻ گهرجن. انفرا اسٽرڪچر لاءِ هر ڳوٺ ۾ سرڪاري عمارتون پڻ موجود آهن، ڪجهه انهن تي لڳايا وڃن. هن سيڪشن 34 جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڌرين کي سزا ڏيڻ جي پڻ گهر ڪئي. ٿر جي نالياري سماج سڌارڪ اڳواڻ ڊاڪٽر سونو مل ڪنگهاراڻي چيو ته قدرتي نظام سان هٿ چراند ٿئي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ اهي واقعا ٿين پيا پر انهي جي سائنسي بنيادن تي ريسرچ ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته اسان وٽ اڪيڊميا پنهنجو ڪردار ادا نه ٿي ڪري ڪين پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ماحولياتي ماهر انجنيئر عبدالرزاق راهمون چيو ته گرج چمڪ جي پيدا ٿيڻ سان ڪنوڻ ڪرندي آهي. ٿر ۾ نمي وڌيڪ آهي انهي ڪري واقعا وڌيا آهن. گلوبل وارمنگ سڄي دنيا جو مسئلو بڻجي وئي آهي. سماجي اڳواڻ علي اڪبر راهمون چيو ته ٿر جي هوا ۾

دست پارٽيڪل موجود آهن ۽ ٿر ڪول انهي ۾ پارٽيڪل شامل ڪري رهيو آهي. انهي ڪري ڪنوڻ ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن. ٿر جي سينئر صحافي ڪاٺائو جاني چيو ته وسڪارو خوشيون کڻي ايندو هو، پر هاڻي چند سالن ۾ خوف جي علامت بڻجي ويو آهي. حڪومت سارا 6 ارب جي رائلٽي روڪي ڇڏي آهي. جيڪا ٿر جي ماڻهن جي زندگين تي خرچ ٿئي ها. ماڻهن جو استحصال پيو ٿئي ۽ رياست کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڪليميٽي ايڪٽ تحت ڪنوڻ جي جاني مالي نقصان جي ٿيندڙ واقعن جا معاوضا ڏنا وڃن. هن چيو ته ٿر ڪول انهن واقعن جو هڪڙو وڏو سبب سمجهون ٿا. سينئر صحافي ممتاز نهڙيو خطاب ڪندي چيو ته ٿر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن کي اين جي اوز جي پراجيڪٽ واري اک سان نه ڏسڻ گهرجي حقيقتن تي مشتمل ريسرچ ٿيڻ کپي. هن چيو ته ٿر جي معدنيات جي رائلٽي ٿر جي ماڻهن جي زندگين جي ڀلائي لاءِ خرچ ٿيڻ گهرجي. ايس اي سي ايم سي جي ڊپٽي مينيجر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن جنيد انصاري چيو ته گلوبل وارمنگ، انڊين اوشين ۾ 1.2 ڊگري سينٽي گريڊ ٽيمپريچر ۾ واڌ آئي آهي. 2020 کان 2021 تائين انڊيا جي مختلف رياستن ۾ 1 ڪروڙ 85 لک واقعا پيش آيا جيڪي اسان کان 111 سيڪڙو وڌيڪ آهن. انڊيا ۾ 2500 ماڻهو مرن ٿا اهڙن واقعن سبب. گرمي پد وڌڻ ۽ هتان جي نمي ۾ واڌ سان واقعن ۾ واڌ آئي. هن چيو ته اترجميل سمنڊ ۾ 2050 تائين اونهاري ۾ سڄي برف پگهرجڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي هئي پر هاڻي اها 2032 تائين ڳري ويندي. ڪراچي ۾ انڊسٽريل يونٽس موجود آهن جتي 95 سيڪڙو ارٿنگ اريسٽر رابز لڳل ناهن پر اتي واقعا نه ٿا ٿين چو ته اتي گهاٽي آبادي آهي. هتي ڇڊي آبادي ۽ ميداني علائقن ۽ ڏکها ۽ چرپر ڪندڙ آبجيڪٽ آسماني بجلي کي پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿا. هن چيو ته جامع ريسرچ ٽيم جوڙي وڃي جيڪا مختلف شعبن جي ماهرن تي مشتمل هجي اها نتيجا حاصل ڪري ۽ آگاهي ڏي. هن چيو ته دنيا ۾ ٽن ملڪن آمريڪا، چين ۽ انڊيا ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جا گهڻا واقعا پيش ايندا آهن. نوجوان انجنيئر آفتاب راهمون چيو ته گذريل ڏهاڪي کان سنڌ ۾ ٻوڏ گهٽجي ٿي رهي آهي. 4 سالن کان ٿر ۾ ڪنوڻ جا واقعا وڌيا آهن جنهن جا سائنسي سبب سامهون ناهن آيا ته ٿر ۾ ٿيندڙ اوپن پٽ مائننگ جي اثرن تي پڻ سوچڻ گهرجي. اسان کي ايڪوسسٽم کي بيلينس ڪرڻ گهرجي. عارضي طور ڪنوڻ کي روڪڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن. لوڪل سريا استعمال ڪري تار ذريعي ارٿ ڪنيڪٽ ڪري بچي سگهجي ٿو. ايس اي سي ايم سي جي ڊپٽي مينيجر اليڪٽريڪل آڪاش ڪمار چيو ته ٽيمپريچر ۽ هيومڊٽي به اهم سبب آهن. ايس اي سي ايم سي جي انوائرونمينٽل انجنيئر موئيعز احمد نوناري چيو ته گلوبل وارمنگ، ٽيمپريچر ۾ واڌ ڪنوڻ ڪرڻ جا بنيادي سبب آهن. پاڪستان دنيا ۾ 0.2 سيڪڙو گلوبل وارمنگ ۾ شموليت اختيار ڪري ٿو. سماجي اڳواڻ بنسي مالهي چيو ته وڻن جي موجودگي سان ماحول بهتر ٿئي ٿو. وڌيڪ وڻ لڳائڻ گهرجن. سماجي سائنس جي ماهر اشوڪ سوٿهڙ چيو ته ڏاڪٽين پٽي ۾ 300 سيڪڙو ڪنوڻ ڪرڻ جي واقعن ۾ واڌ آئي آهي. هن چيو ته تاريخي طور ڪنوڻ جا واقعا ٿيندا رهيا آهن. جنهن لاءِ انهن کان بچاءَ جا اپاءَ ورتا وڃن. سماجي اڳواڻ پياري شيواڻي چيو ته 29 هزار اسڪوائر ڪلوميٽر جي ايراضي تي 2500 ڳوٺن ۾ ارٿنگ اريسٽر رابز لڳائڻ ڏکيو ڪم ناهي سرڪار کي سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي. ڪانفرنس ۾ مام وشن ٿري ڳالهائيندي چيو ته ٿر جي ماڻهن کي سرڪار تي پاڙڻ بجاءِ پنهنجي خرچ سان ارٿ راڊون لڳائي، ڪنوڻ جي نقصان کان بچاءُ ڪرڻ گهرجي. ڪانفرنس ۾ انجنيئر ڪنيا لال آسنائي چيو ته ٿر ۾ ٿر جي ماڻهن لاءِ ڪم ڪندڙ هر فورم سان گڏ آهيون. ۽ ڪنوڻ کان بچاءَ لاءِ جاڳرتا مهم هلائڻ گهرجي. ڪانفرنس کي چمن آر ٿري، جماعت اسلامي جي اڳواڻ مير محمد بليدي، انجنيئر راجا گوهر پرمار، دين محمد اوڍيجو، پيشم ڪوناري، رمضان لنڊ سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو. ڪانفرنس ۾ بجلي، ماحوليات، سوشل سائنس جي ماهرن سميت ٿر جي سياسي، سماجي اڳواڻن، ليکڪن، اديبن، شاعرن، الله بخش هنگورجو، لڇمڻ ٿري، سالم سميجو، سورن سنگهه سوڍو، رحيم هاليپوٽو، نندلال لوهاڻو، ڊاڪٽر سترام مهيشوري، دليپ ڪمار لوهاڻو، پيشم ڪوناري، راجيش سرتي، ولي نهڙيو، راهول شرما، امتياز ڏراٽي، علي گل رند، غازي نهڙيو، عطا نهڙيو، صابر جوڻيجو، جاويد بجير، لونگ راٺوڙ، صدام بجير، سنگتراش صحرائي، واپاري اڳواڻ ڪمليش مهيشوري، آسن داس لوهاڻو، ڪندن مالهي، انور ڪنڀار، دولت ميگهواڙ، گلزار ميمڻ، سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ پاس ڪري هيٺيان مطالبا ڪيا ويا. 01: گلوبل وارمنگ سبب وڌندڙ گرمي جي پد سان گڏوگڏ ٿر ۾ ڪوئلي جي ڪوٽائي سبب پيدا ٿيندڙ ماحولياتي تبديلي جنهن ۾ پاور پلانٽ مان نڪرندڙ گئسيز جي خارج ٿيڻ جو پڻ ڪنوڻ ڪرڻ جو هڪ سبب ٻڌايو وڃي ٿو. جنهن کي روڪڻ لاءِ ٿر ڪول پراجيڪٽ طرفان ٽريٽمينٽ پلانٽ لڳايا وڃن ۽ ٿر ۾ وڏي تعداد ۾ وڻ پوکيا وڃن 02: ڪانفرنس ۾ ماهرن طرفان ڪنوڻ ڪرڻ جي روڪٿام لاءِ ٽڪڙو ۽ فوري حل اريسٽر ارٿ راڊون لڳائڻ جي تجويز ڏني وئي. 03: سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کي گهرجي ته ٿر جي 2500 ڳوٺن ۾ اريسٽر ارٿ راڊون لڳائڻ جو ٽڪڙو بندوبست ڪيو وڃي. 04: ڪانفرنس ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي سببن جي تحقيق لاءِ بجلي جي ماهرن، ماحوليات جي ماهرن، سماجي سائنس جي ماهرن تي ٻڌل تحقيقاتي ڪاميٽي جوڙي تحقيق ڪئي وڃي، جيڪا ٿر ۾ ڪنوڻ ڪرڻ جي سببن کي تفصيلي طور معلوم ڪري سگهي.

بقايا سنڌيار 29

جي پيپلزپارٽي ضلعي جيڪب آباد جي نائب صدر ۽ جمالي برادري جي معزز شخصيت شير خان جمالي ڪراچي ڪورنگي ۾ صحافي فدا حسين جمالي طرفان ڏنل مانجهاندي واري دعوت جي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو پ پ اڳواڻ شير خان جمالي

جو وڌيڪ چوڻ هو ته تبديلي جي نالي تي ملڪ کي ڪوڪلو بڻائي عوام کي مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪيو ويو بدترين مهانگائي به انهيءَ تبديلي سرڪار طرفان عوام کي ڏنل آهي عوام کي اهو ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ پيپلزپارٽي مفاهمتي پاليسي اختيار ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو ته بلدياتي نظام تحت پيپلزپارٽي جا چونڊيل نمائندا عوام کي سهولتون ڏيڻ لاءِ سرگرم آهن پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان چونڊيل نمائندن کي سخت هدايتون ڏنيون ويون آهن ته عوام جا مسئلا بهتر نموني حل ڪيا وڃن سندس وڌيڪ چوڻ هو ته صحافت عظيم پيشو آهي پر ان اندر ڪجهه ٻه نمبر قسم جا ماڻهو داخل ٿي ويا آهن تنهن ڪري ميڊيا ادارن کي اهڙن عناصرن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ پوندي .ان موقعي تي واحد جمالي ،ڪامران جمالي .اڳوڻو ايس ايڇ او ڪورنگي انڊسٽريل ايريا سب انسپيڪٽر جان محمد بروهي ،سنڌ پريس ڪلب جو مرڪزي صدر رستم جمالي .گدا حسين جمالي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا .

بقايا سنڌيار 30

نوشهروفيروز ۾ برسات شهرين جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، شهري گهرن تائين محدود، اسٽيشن روڊ، طالب سولنگي، فوڊ گودام، سول اسپتال، پڊعيدن روڊ، مورو روڊ، مٺا روڊ، گرلس هاءِ اسڪول، سميت شهر جي سمورا علائقا مينهن جي پاڻي ۽ گندي پاڻي ۾ ٻڏل، مونسپل انتظاميه ۽ ضلع انتظاميه غائب، شهر عذاب ۾، گذريل سال جي برسات متاثرين کي گهر ناهڻ لاءِ رقم نه ملي سگهي، سافڪو انتظاميان غريب شهرين کان رشوت گهرڻ لڳي، رشوت جا پيسا نه ملڻ تي فنڊ جاري ڪرڻ کان ٽپ جواب ڏئي ڇڏيو، سياسي ۽ سماجي تنظيمن پاران سافڪو انتظامي ۽ ضلعي انتظاميا جي اڻڱي رويي خلاف 1 آگسٽ تي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان خبر موجب نوشهروفيروز ۾ تازي برسات شهرين جو ساهه مٽ ۾ ڪري ڇڏيو آهي. شهر مان مينهن ۽ گٽرن جو گندو پاڻي شهر مان نيڪال نه ڪرڻ ۽ گذريل برسات متاثرين ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي رشوت بغير رقم نه ڏيڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ شهرين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن محمد يونس راجپر، سليمان ڪلهوڙو، فراز ميمڻ، منصور سومرو، علي سولنگي، نصير راجپر، شڪيل راجپر عبد الله آهر ۽ ٻين چيو ته نوشهروفيروز ۾ هاڻوڪين برساتن سبب ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مينهن ۽ گٽرن جو پاڻي گهرن ۾ گهڙي پيو آهي جنهن سبب اسٽيشن روڊ، طالب سولنگي، فوڊ گودام، پڊعيدن روڊ، نيشنل بينڪ، سول اسپتال، مليائي روڊ سميت نوشهروفيروز جا ننڍا وڏا علائقا مينهن سان گڏ گٽرن جي پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جنهن سبب شهري مينهن ۽ گٽرن جي پاڻي سان گڏ مختلف بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن پر انتظاميان اڃا تائين پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي جڏهن ته گذريل سال برسات ۾ شهرين جا گهر ڊهي پٽ تي وڃڻ سبب سنڌ حڪومت جا اعلانيل پيسا سافڪو انتظاميان رشوت بغير جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب متاثرين ڳوٺاڻن ۽ شهرين جي چهرن مايوسي ڇانئجي وئي آهي ، ٻي طرف سافڪو انتظاميان جي اڻڱي رويي خلاف سياسي ۽ سماجي تنظيمن پاران 1 آگسٽ تي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻي هڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اعلان محمد يونس راجپر، مهر وسطو، ابراهم نگراج، ام ظفر تگر منظور مغل ، اسد چانڊيو، خالد چانڊيو، اڪرم پرزادا، خادم حسين سيال، فاروق احمد ڏنگراج، مهر وسطڙو، زاهد علي رند، ۽ ڪندي چيو ته هڪ سال گذري وڃڻ ۽ ٻه ٻه پيرا سروي رپوٽ ۽ متاثرين کان بينڪ ۾ اڪائونٽ کولرائڻ جي باوجود اڃا تائين برسات متاثرين ڳوٺاڻن ۽ شهرين جي اڪائونٽ ۾ سنڌ حڪومت جا اعلانيل پيسا ٽرانسفر نه ڪيا ويا آهن جنهن سبب برسات متاثرين ڳوٺاڻا ۽ شهري سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر افسوس ته سافڪو انتظاميان برسات متاثرين ڳوٺاڻن ۽ شهرين کان رشوت طلب ڪري رهي آهي هنن چيو ته موجوده تيز برساتن عوام جو سال مٽ ۾ ڪري ڇڏيو آهي هر طرف ڳوٺن ۽ شهر ۾ مينهن جو پاڻي بيٺو پيو آهي پر انتظاميان اهو به نيڪال ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هنن اعلان ڪيو ته سافڪو ۽ ضلعي انتظاميان جي اڻڱي رويي خلاف 1 آگسٽ تي ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 31

گهر ۾ کهرام مچي ويو، فوتي نوجوان جي پيءُ موجب ته گولي جو ٺڪاءُ ٿيو ته هو پٽ جي ڪمري ۾ پهتو ته پٽ گولي لڳڻ ڪري تڙپي فوت ٿي ويو، هن چيو ته گولي لڳڻ جو ڪارڻ ڪين به معلوم ٿي ناهي سگهيو ته سنڌس پٽ کي ڪيئن گولي لڳي آهي، ٻئي طرف گهارو پوليس رپورٽ درج ڪري شڪ جي بنياد تي فوتي نوجوان جي ماسات سراج شيخ کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي، جنهن جو پسٽل استعمال ٿيو آهي، ٻڌايو پيو وڃي ته فوتي نوجوان باسط شيخ ۽ سنڌس ماسات سراج شيخ ڪمري ۾ گڏ ويٺل هئا، جن وٽان گولي لڳڻ ڪري باسط شيخ موقعي تي قتل ٿي ويو، گولي لڳڻ جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو جڏهن ته ايس ايڇ او گهارو ممتاز علي بروهي جانچ جي دائري کي وڌائي هڪ شڪي نوجوان کي پسٽل سميت گرفتار ڪري ان کان پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 32

تي احتجاجي مظاهرو ڪندڙ اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ڊي او اسڪارپ سجاد علي سومرو هڪ فرض شناس آفيسر آهي جنهن گذريل سال برساتن واري ٻوڏ جي صورتحال هجڻ باوجود تمام بهترين نموني سمر نالي مان پاڻي جو گذر ڪري پوري علائقي کي وڏيڪ نقصان کان بچايو هيو ۽ برسات کان پوءِ ٿوري وقت ۾ پمپنگ اسٽيشن تان ڏينهن رات محنت ڪري پاڻيءَ کي لفٽ ذريعي ڪراس ڪيو جنهن جي اعلي آفيسرن بدلي ڪري هڪ فرض شناس ايس ڊي او کي هٽائي نئين غير تجربيڪار ايس ڊي او کي مقرر ڪري اسان جي ڳوٺن کي هٿ وٺي ٻوڙائڻ جو پروگرام ناهيو آهي ان موقعي تي هنن ايم اين اي سيد نفيسه شاهه جيلاني، وزيراعلي سنڌ جي خاص معاون نواب

خان وسان، اسڪارپ کاتي جي چيف انجنيئر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ايس ڊي او سجاد علي سومرو جي بدلي روڪي علائقي کي ٻوڙڻ کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 33

شهر ۾ يارنهن محرم تي عزادارن لاءِ سبيل جو اهتمام ڪندي سبيل رهايي ان موقعي ثمرين عباس دستي سيءِ گيس پريس ڪلب پهچي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو آهي ايندڙ سنڌ اسيمبلي ۾ عورتن جي مخصوص سيٽ تي پارٽي کي ٽڪيٽ لاءِ درخواست ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته هر ڏکيي سکي گهڙي ۾ پارٽي لاءِ قربانيون آهن هن چيو ته هر دفعي خيرپور وارن کي مخصوص سيٽون ملن ٿيون هاڻي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري فريال ٽالپر کان گهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته هن دفعي خيرپور جي پٺتي پيل تعلقي ٺري ميرواهه جي عوام کي مقامي عورت اڳواڻ کي موقعو ڏيڻ گهرجي هن چيو ته مون ۽ منهنجي خاندان جون پارٽي لاءِ قربانين کي مد نظر رکندي هڪ دفعو ميرواهه تعلقي کي مقامي عورت اڳواڻ کي موقعو ڏيڻ گهرجي سياسي سماجي سوشل ورڪر تنظيم چيئرپرسن ثمرين عباس دستي

بقايا سنڌيار 34

وارهه ڏوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو ڏاڙا ڦرون روز جو معمول بڻيل انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل گذريل ڏينهن شام جو گل ٻرڙو روڊ سان نوجوان عارف علي تنيو کان 2023 ماڊل 125 موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦر متاثر نوجوان طرفان پنهنجي چاچي ممتازعلي تنيو سان گڏ تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ان موقعي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪله شام جو مان ٽنين ڪان مٿان گل ٻرڙو روڊ سان فري لنڪ روڊ ڏئي پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هيس ته ٽن هٿيار بند نامعلوم ماڻهن 125 موٽرسائيڪل تي اڳ هٿي هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ۽ ويو واءِ 33 ايس موبائل فون ڦر ڪري گل ٻرڙو روڊ سان نڪري ويا اسان اهڙي قسم جي اينسي وارهه ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر هن وقت تائين پوليس انتظاميه ڪو به ايڪشن ناهي کنيو هنن چيو ته اسان غريب مسڪين آهيون هنن ڊي ايس پي وارهه، ايس ايس پي قمبر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي ڦر ڪيل موٽرسائيڪل ۽ موبائل واپس ڪرائي ڏيندا.

بقايا سنڌيار 35

چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئنور، جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ حاجي انور ڪرنائي، رواداري تحريڪ جي صدر پنهل ساريو، نواز شاهه پاڏائي، راول ڪرنائي، امجد شورو، نظير شيخ سميت ٻين قومپرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ قومپرست اڳواڻ پارٽين ڪيل فيصلن جي روشني ۾ چيو ويو ته ڪارونجهر جبل نه فقط ٿر جي رهواسين جي زندگي سان لاڳاپيل ۽ اهم حيثيت رکندڙ آهي. پر ڪارونجهر جبل سڄي سنڌ جو تاريخي ثقافتي، مذهبي جاگرافيائي ڏند ڪٿائي ۽ فطري ورثو آهي. جنهن سان لکين سالن جي تاريخ جڙيل آهي، هنن چيو ته ڪارونجهر جبل چار لک ماڻهن جي پيٽ سميت ٻين ضرورتن جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي. جنهن کي نيلام ڪرڻ لاءِ 4 آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته اسان جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي طرفان ڪارونجهر جي نيلامي کي سنڌ جي نيلامي ٿا سمجهون. تنهن ڪري اهو اعلان ٿا ڪريون ته 4 آگسٽ تي ڊي جي مائنس ۽ منرلس جي آفيس ۾ جتي ڪارونجهر جي نيلامي جو واڪ ٿيندو، ان آفيس اڳيان احتجاج ڪيو ويندو. هنن سڄي سنڌ جي شعور کي پڻ اپيل ڪئي ته هو چوٿين آگسٽ تي ڊي جي آفيس اڳيان گڏ ٿي ڪارونجهر جي نيلامي کي روڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هنن ساڳئي ڏينهن تي جسقم طرفان ڪارونجهر جي نيلامي خلاف سڄي سنڌ ۾ اعلانيل مظاهرن جي سڏ جي حمايت ڪندي چيو ته قومي اسيمبلي ۾ جيڪي ٽڪرا ۽ هنگامي بل پاس ڪيا ويا آهن. جن ۾ 13 لک ايڪڙ سنڌ جي زمين دفاعي اداري کي ڏني ويئي آهي. جيڪا زمين مظلومن ماڻهن جي آهي، ان ڪانسواءِ ون ونڊو آپريشن جي نالي تي ٿيندڙ قانونسازي قومن جي تاريخي حقن ۽ خودمختياري تي راتاهو آهي. جنهن ڏوهه ۾ سمورين اتحادي ڌرين شامل آهن. هنن چيو ته جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي انهن بلن کي مڪمل طور رد ڪندي اعلان ٿي ڪري ته هر سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪندي. جنهن جا وارث سنڌي آهن. هنن چيو ته سنڌ ۾ مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي. جنهن سبب ماڻهن جي زندگين کي زهر بڻايو ويو آهي. انساني حقن جي لتاڙ جو اهم پاسو قومي ڪارڪنن سميت مختلف ماڻهن کي گم ڪرڻ، فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ آهي. هنن چيو ته 30 آگسٽ کي جبري گمشدگين خلاف عالمي ڏهاڙي طور ملهايو ويندو آهي. ان ڏهاڙي تي انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين خلاف 30 آگسٽ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا پڻ ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 36

، وس وارن کي مدد جي اپيل. تفصيل موجب نئي شهر جي وارڊ نمبر 2 امري اسٽاپ ڀرسان ميربحر محلي جي رهواسي پورهيت علي محمد عرف لالا ڪرناٽي جو پڪو گهر تازو طوفاني ٻيل برسات ۾ زبون حال ٻڌجڻ بعد ڪالهه 10 محرم الحرام جي ڏهاڙي تي اوچتو ڌماڪي سان ڪري پٽ پئجي ويو آهي. جڏهن ته گهر ڀاتي معجزاتي طور بچي ويا آهن. متاثر گهر ڀاتي هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو بڌجي ڪنهن مدد جا منتظر آهن. پر اڃان تائين سنڌن ڪنهن به سار ناهي لڌي. متاثر گهر ڀاتي پورهيت علي محمد عرف لالا ڪرناٽي ٻڌايو ته تازو پيل تيز برسات سنڌس گهر کي ڪافي نقصان پهچايو هو. جيڪو ڪالهه اوچتو ڌماڪي سان ڪري ڍهي پٽ پئجي ويو آهي. پر مون وٽ ايترا پئسا ناهن جو گهر ٻيهر تعمير ڪرائي سگهان. گهر ڍهي پٽ پوڻ ڪري ٻارڙا هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مدد گار بڻيل آهن. سنڌن اڃان تائين ڪنهن به سار ناهي لڌي. مٿان برساتون لڳيون پيون آهن. پنهنجي ٻچن کي برسات کان بچائڻ لاءِ مون وٽ ڪوءِ اجهو ناهي رهيو. هن ڊي سي ٺٽو، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته سنڌس مدد ڪئي وڃي.

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار — Reg No 2677 — ABC Certified — ايڊيٽر: اعجاز مهر — ڪراچي — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com